چڇريل زندگين جا قافلا
رسول ميمڻ

چچريل زندگين جا قافلا

(ڪھاڻيون)

رسول ميمڻ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو: چچريل زندگين جا قافلا
موضوع : كھاڻيون
ليكڪ: رسول ميمڻ
ڇاپو: پھريون
ڇپجڻ جي تاريخ : 1981ع
قيمت: 6 روپيا

ڇپائيندڙ: رشيد ڀٽي، صدر سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سکر

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"چچريل زندگين جا قافلا"** اوهان اڳيان پيش آهي. ڪهاڻين جي هن مجموعي جو ليکڪ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار **رسول ميمڻ** آهي. امر جليل ان وقت رسول ميمڻ لاءِ لکيو هو:

"ٻاويهن سالن جو نوجوان رسول ميمڻ ان شهر جو آهي، جنهن شهر مولائي شيدائي، شيخ اياز، رشيد ڀٽي ۽ فتاح ملڪ کي جنم ڏنو آهي. اهڙن قداورن جي وچ ۾ ذات ۽ ذاڻ سان جهنجهيل هيءُ نوجوان وڏي هانيءَ ڪانيءَ سان پيدا ٿيو آهي. رسول ميمڻ امن جو پيغمبر آهي. رسول انسانيت جي مرٽينگ جسم ۾ نئون ساهه ڦوڪيندڙ مسيحا آهي. اسان ارڏن، سوداين ۽ سچائي لاءِ متلاشي قافلي جي مسافرن جو نئون ساٿي آهي."

هي ڪتاب **سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، سکر** پاران 1981ع ۾ سکر شاخ جي صدر محترم رشيد ڀٽيءَ پاران ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون سائين رسول ميمڻ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ نئين سر ڪمپوز ڪرائي موڪليو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

تعارف...رشيد ڀٽي 06
رسول ميمڻ (اپياس)..............................ممتاز مهر 09
مرد - نامرد.. 13
چچريل زندگين جا قافلا..18
ناچو...24
هڪ رات جو عذاب...26
بارش ڪانپوءِ..33
ديپڪ..40
هيرڻ جو پن...42
آخري خواهش...46

تعارف

”1981ع“ سنڌ ۾ ساهت سال ڪري ملهايو ويو. سنڌ جي شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۾ ننڍي توڙي وڏي پيماني تي ساهت ڪانفرنسون ۽ ميڙ مجلسون ڪوٺايون ويون، ادبي جماعتن ۽ ادارن، اشاعت گهرن ۽ فردن ڪتاب ڇپرايا. هن سال سنو ڇهڇٽو ٿيو ۽ ڪافي ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيا.

اهو سڀ ڪجهه ذاتي طرح ۽ نجي ادارن طرفان ٿيو. هن سال ۾ سرڪار ان ڏس ۾ ڪو خاص پاڻ نہ موڪيو. همت افزائي ۽ ٺلهي تعاون جي حد تائين بہ نہ! ادبي انجم سان گڏوگڏ سنڌ جي ثقافتي ۽ سماجي تنظيمن بہ ساهت سال جي سلسلي ۾ اڳتي وڌي ڪم ڪيو. ڪراچيءَ واري ”شاهہ لطيف ثقافتي سوسائٽيءَ“ ساهت ڪانفرنس منعقد ڪئي، جا گذريل ڏهن پندرهن سالن جي عرصي جي يادگار ۽ مثالي گڏجاڻي آهي. سڀ ڪان وڌيڪ جنهن جماعت هن ڪارج ۾ وڏون وڌ حصو ورتو سا ”سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن“ آهي.

هميشہ جيان هن جماعت جي سکر شاخ بہ پنٺتي نہ رهي آهي. ”لطيف سال“ جي موقعي تي سڳا سکر اختتامي ”لطيف ڪانگريس“ سکر جي جيمخاني ميدان ۾ منعقد ڪئي هئي، جا پنهن جو مٽ پاڻ هئي ۽ نہ وسرندڙ نقش ڇڏي ويندڙ محفل هئي. ”ٻارن جو سال“ جي موقعي تي سکر شاخ سنڌ جي نوجوان شاعر ۽ شاخ جي سرگرم رڪن ادل سومري جو ٻارن لاءِ شاعري جو ڪتاب ”چنڊ پشم گولو“ ڇپرايو هيو. هن سال بہ اختتام وقت اسين سکر جي نوجوان ڪهاڻيڪار رسول ميمڻ جي نون افسانن جو مجموعو ”چچريل زندگين جا قافلا“ ساهت سال جي پيٽا طور پيش ڪري رهيا آهيون.

رسول ميمڻ هن وقت، سکر توڙي سنڌ واسين لاءِ ڪو نئون نالو نہ آهي، هن مهل تائين سندس بہ ڪهاڻين جا مجموعا ”امن جي نالي“ ۽ ”ڪافر ديوتا“ شايع ٿي چڪا آهن. سندس هڪ شعري انتخاب ”اوشا جي آشا“ بہ پڙهندڙن وٽ پهچي چڪو آهي. رسول ميڻ جي ذڪر ۽ فن بابت راقم الحروف ۽ دوست امر جليل، سندس اڳين ٻن مجموعن جي مهاڳن ۾ چنڊ چاڻ ڪئي آهي، سندس پهرين مجموعي ”امن جي نالي“ تي لکندي مون راءِ ڏني هئي:

”جيترو قد ۾ مٽي اوچو آهي اوترو ئي سوچ ۾ هيٺ اونهو آهي. هي حليم سياءَ وارو

نوجوان هن وقت ميڊيڪل ڪاليج جو شاگرد آهي، مڙدن جي وڍ ڪٽ ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهي، سو ته مان نه ٿو چئي سگهان، پر سماج جي جيئري جاڳندي افسانن ۽ ان جي اندر جي وڍ ڪٽ ڪمال مهارت سان ڪري سگهي ٿو. ڏاڍو اونهو آهي ۽ گهرو پڻ. حساس به ته حقيقت پسند به.... رسول ميمڻ جي افسانن جو موضوع اڄ جو اڀوجهه ۽ اياڻو ايڊايل انسان آهي ۽ انسانيت جا فرسوده ۽ انسانن دشمن قدر. هو انساني سماج جي اوڻاين، اوچ نيچ ۽ ايذاءَ جو اڻ ٽر ويري آهي. هو انسان جي عظمت جو داعي آهي. هو انسان کي ڪنهن قدرت يا جبر جو طفيلي يا ماتحت ڏسڻ ۽ سمجهڻ نٿو تسليم ڪري. هو انساني سماج ۾ انسانيت جي ناسورن کي اقتصادي مسئلن ۾ غير برابرين جي پيدائش ٿو سمجهي.... وٽس موضوع به آهي ته مقصد به وٽس منظر ڪشي به آهي ته ڪردار نگاري به. وٽس مشاهدو به آهي ته ان جو اظهار به. هن وٽ سوچ جي سيبتائي به آهي ته لطيف انساني جذبن جي عڪاسي به. وٽس لفظن جي چونڊ به آهي ته تشبيهن جي ترائي به.

رسول ميمڻ جي ساڳي ئي ڪتاب تي هلال پاڪستان جي ڪالم ۾ لکندي، امر جليل چوي ٿو:

”ٻاويهن سالن جو نوجوان رسول ميمڻ ان شهر جو آهي، جنهن شهر مولائي شيدائي، شيخ اياز، رشيد ڀٽي ۽ فتاح ملڪ کي جنم ڏنو آهي. اهڙن قداورن جي وچ ۾ ڏات ۽ ڏانءُ سان جهنجهيل هيءُ نوجوان وڏي هانيءَ ڪانيءَ سان پيدا ٿيو آهي. رسول ميمڻ امن جو پيغمبر آهي. رسول انسانيت جي مرٽينگ جسم ۾ نئون ساهه ڦوڪيندڙ مسيحا آهي. اسان ارڏن، سوداين ۽ سچائي لاءِ متلاشي قافلي جي مسافرن جو نئون ساٿي آهي“.

رسول ميمڻ جي ڪهاڻين جي ٻي مجموعي ”ڪافر ديوتا“ (1979ع) جي مهاڳ ۾ امر هن لاءِ لکي ٿو: ”اوشا جي آشا“ پڙهڻ کان پوءِ شدت سان محسوس ڪيم ته رسول بنيادي طرح فڪشن جو ليکڪ آهي، ڪهاڻيءَ جي فن ڏانهن سندس لاڙو شاعراڻو آهي. سنڌي ادب ۾ تمام گهٽ اهڙا اديب آهن جن کي نظم توڙي نثر تي هڪ جهڙي قدرت آهي. في الحال اهڙن ٻن اديبن جا نالا دل تي تري آيا آهن. هڪ ليڇمڻ ڪومل ۽ ٻيو قمر شهباز... رسول کي سٺن افسانن جي ڏات مليل آهي.... مان فقط ايترو چوندس ته رسول جا افسانا غور سان، توجهه سان ۽ همدردي سان پڙهيا وڃن، رسول جا افسانا انهن جي سمجهه کان بالاتر آهن، جن جي عقل ۽ فهم تي تعصب جا پاڇا پيل آهن“.

مٿين حوالن ۾ رسول جي افساني تي هڪ جامع راءِ جو اظهار ملي ٿو. سندس هن مجموعي جا افسانا به ان ئي راءِ ۽ معيار تي ٺهڪندڙ آهن، جيڪي ان عرصي دوران اسان

ڪي سندس سوچ ۽ شعور ۽ فڪر و فهم ۾ نمايان واڌارو ۽ اوسر نظر اچي ٿي. فڪري طور هي افسانا سندس اڳين افسانن کان اڳتي وکون آهن. پر اظهار جي پنهن جي مخصوص شاعراڻي طريقي کي الوداع چئي رسول ان راه ۾ نثراڻي (خالص) اظهار جو تجربو ڪيو آهي. ان ڪري، منهن جي خيال ۾ هو ڪن افسانن جي موضوع کي نيائڻ يا پلاٽ سان انصاف ڪرڻ ۾ اهڙو اثرائتو ثابت نہ ٿيو آهي. جهڙو هوڻ اڳين ۾ ٿيو آهي، منهن جي اها راءِ ڪا حتمي نہ آهي نہ ڪي سند. پڙهندڙ پاڻ پڙهي فيصلو ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ جا مجاز آهن.

آخر ۾ هڪ ڳالهہ لاءِ پنهن جي پاران پڙهندڙن کان معافي جي طلب ٿي ڪجي. ڇپائي جي اڻ پوري ۽ ناقص انتظامن سبب اسين هي ڪتاب ڇپائي ۽ گيٽ اپ جي لحاظ کان، ليکڪ ۽ سندس فن و فڪر جي معيار مطابق، پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ويا آهيون، اميد تہ مواد جي بهتري ان ڪمتريءَ تي حاوي پوندي.

رشيد ڀٽي
صدر
س-گ-ا، سکر (شاخ)
بئريج روڊ سکر سنڌ 20 ڊسمبر 1981ع

ممتاز مهر

رسول ميمڻ (اپياس)

نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ شاعر رسول ميمڻ 1975ع کان باقاعدگي سان لکڻ شروع ڪيو ۽ ٽن سالن جي دوران ايتريون ته ڪهاڻيون لکائين جو انهن جا ٽي مجموعا تيار ٿي ويا آهن. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ”امن جي نالي“ 1977ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو ”ڪافر ديوتا“ 1979ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ ڪهاڻين جو ٽيون مجموعو ”چچريل زندگين جا قافلا“ (اجهو هاڻي) ڊسمبر 1981ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. يعني ته هن انهن ٽن سالن جي دوران اٽڪل 25 معياري ڪهاڻيون لکيون آهن، جن مان ڪي ته واقعي سٺيون ڪهاڻيون آهن ۽ گهرو تاثر قائم ڪن ٿيون. جهڙوڪ ڪهاڻي ”ورڪا“ ۽ ڪهاڻي ”مرد-نامرد“ رسول ميمڻ جي ڪن ڪهاڻين جو رنگ فلسفيانه آهي. جهڙوڪ ”ڪافر ديوتا“، ”ڪارو پهاڙ“ انهن ڪهاڻين جو انداز بيان شديد نوع جو آهي ۽ شدت بيان پلاٽ تي حاوي نظر ايندو، ته سندس ڪجهه ڪهاڻيون مثلا ”گوڊو جو جنم“ گهٽيون تبليغي لڳنديون. رسول ميمڻ ڪم عمري ۾ ئي پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهڙن تي گوڙهن ۽ ڳنڀير مسئلن کي ڪنيو آهي جو عام طرح پڙهيل ڳڙهيل نوجوان اهڙن مسئلن تي سوچيندا به ناهن. هڪ طرح سان رسول ميمڻ انهن مسئلن ۽ موضوعن کي ڪهاڻين ۾ آڻي انهن بظاهر پڙهيل ڳڙهيل پر ذهني طرح ڪور چشم ماڻهن کي للڪاريو آهي جن ڪاڻڻ پيئڻ ۽ ذاتي فائدن جي حصول کي زندگيءَ جو مقصد سمجهيو آهي.

رسول ميمڻ ننڍپڻ کان ذهين ۽ حساس رهيو آهي، ويتر جو جوانيءَ جي پهرين مرحلي ۾ جڏهن سندس هم عمر ساٿي ڪرڪيٽ جي ڪامينٽري ٻڌڻ ۾ وقت گذاريندا هئا، تڏهن هو سکر جي معصوم شاهه لائبريري ۾ روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي سنڌي ادب سميت عالمي ادب جو اڀياس ڪرڻ لڳو ته سندس دوست به ڪتاب بنجي ويا. هن ليو ٽالسٽاءِ، نيٿيل هاٿورن، اسٽين بيڪ، ارسڪن ڪاڊويل، خليل جبران، قرت العين حيدر، هينرخ بوئل ۽ امر جليل جي فن ۽ فڪر مان اتساهه وٺي ڪهاڻيون ۽ شعر رچڻ شروع ڪري ڏنا.

هڪ ڳالهه واضح آهي ته هو گهڻن ئي ليکڪن، خاص طرح خليل جبران کان متاثر ٿيل نظر اچي ٿو، پر هن جي لکڻ جي اسٽائيل ۽ اظهار بيان، پنهنجو آهي. رسول ميمڻ جي فن ۽ فڪر سان مالا مال ڪهاڻيون به لکي ٿو ته خوبصورت ۽ پر اثر اميجري وارا شعر به

رچي ٿو. ڪهاڻين جي مذڪوره ٽن مجموعن کان علاوه هن جو هڪ شعري مجموعو ”اوشا جي آشا“ 1979ع ۾ڇپيو آهي. جمالياتي حض ڏيندڙ سندس فڪر انگيز شاعري ۽ فلسفيانه موضوع وارين توڙي خالصا معروضي حقيقت جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻين کي پڙهڻ کان پوءِ هيءُ فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي ته هو ڪهڙي صنف ۾ وڌيڪ ڪامياب آهي... ڪهاڻيءَ جي صنف يا شاعريءَ جي ميدان ۾! ڇاڪاڻ ته منهنجي خيال ۾ هو ٻنهي صنفن کي ڪاميابيءَ سان نڀائيندو آيو آهي.

مثال طور سندس فڪر انگيز شاعريءَ جو هڪ نمونو هيٺ ڏجي ٿو!

انڌا
ڪير ٿو چوي
انڌن کي اکيون
نه هونديون آهن.
انهن کي ته،
صاف ڏسڻ ۾ ايندي آهي.
آس پاس جي هر شيءِ
هر لقاءُ-
اهي ڏسي سگهندا آهن
۽ محسوس ڪندا آهن
پر -
اوندهه ۾ جنم وٺندا آهن
اوندهه ۾ رهندا آهن
۽ اوندهه ۾ مري ويندا آهن.

منهنجي خيال ۾ سندس مٿيون شعر جديد سنڌي شاعريءَ جو بهترين نمونو آهي ته وري سندس نثر نگاريءَ جو هڪ بهترين نمونو هن جي ڪهاڻي ”ورڪا“ جي هيٺين هڪ پئراگراف مان پسي سگهجي ٿو: ”هن قبرستان ۾ نظر ڦيري، هن ڏٺو، چانڊوڪي ڇڻ بيوه رن هئي جنهن پيلي منهن تي لپاٽون هٽي پار پئي ڪييا. پريان هڪ ڪنڊيءَ جو اگهاڙو وڻ بيٺو هيو، جنهن جي سموري ساواڻ سرديءَ پي ڇڏي هئي ۽ اهو ائين ٿي محسوس ٿيو جيئن ٻانهون ڦهلائي خيرات وٺندڙ فقير جي اگهاڙي بدن ۾ ڳنڊيون پئجي ويون هجن ۽ هو اتي ئي سڪ ٿي ويو هجي. ڪبڙ روئي رهيا هيا ۽ انهن جي پتن تي ڇميل ڳوڙها هر هر

هيٺ ٽي چڙهيا. وچ قبرستان ۾ بيٺل ڪچي مسجد جا منارا هن ڪي بي جان لڳا ۽ قبرن جا ڪتبا هن ڪي ڪائڻ لاءِ چڙ وات ڪولي بيهي رهيا“.

هڪ پرڏيهي نقاد شاعر جي تعريف ڪندي لکيو آهي تہ:

“ He looks Right into the patterns for the feelings Behind them.”

رسول ميمڻ جي نثر ۾ شاعرانہ حسن ۽ تخيل آهي تہ وري سندس شعرن ۾ نثري قوت ۽ وسعت سمايل آهي، تنهن ڪري رسول ميمڻ پنهنجي شعري مجموعي ”اوشا جي آشا“ جي مهاڳ ۾ درست لکيو آهي تہ: آءُ سمجهان ٿو تہ دنيا جي هر سٺي ڪهاڻيڪار وٽ شاعريءَ جا عڪس ضرور آهن. پوءِ انهن کي الڳ نموني چٽڻ ٿو يا نہ، اهو هن تي منحصر آهي.

رسول ميمڻ جي ڪهاڻين جي نئين مجموعي ”چڇريل زندگين جا قافلا“ ۾ شامل ڪهاڻيون سندس ٻين ٻن مجموعن ۾ شامل ڪهاڻين جي موضوعن ۽ انهن جي ٽريٽمينٽ ڪان مختلف آهن. هن جي نئين مجموعي ۾ شامل ڪهاڻين ۾ عام سماجي مسئلن کي موضوع بنايو ويو آهي. اهي ڪهاڻيون مجموعي طرح سماجي حقيقت نگاريءَ جي زمري ۾ اچي وڃن ٿيون. جڏهن تہ سندس اڳ وارن مجموعن جون ڪهاڻيون مجموعي طرح عام سماجي مسئلن جي بجاءِ ميٽافزيڪل موضوعن تي آڌار رکن ٿيون، تنهن ڪري هن جي لکڻين ۾ ويرائٽي ملندي.

جيستائين مقصد ۽ نظريي جو تعلق آهي تہ رسول ميمڻ جي فلسفيانہ ۽ نيم فلسفيانہ ڪهاڻين ۾ مقصد ۽ نظريو تبليغ ۽ پرچار جي حد تائين چٽو نظر ايندو، جڏهن تہ سندس سماجي حقيقت وارين ڪهاڻين ۾ تبليغ ۽ پرچار جو عنصر نظر ڪو نہ ايندو. بهرحال سماجي حقيقت واريون ڪهاڻيون، جن ۾ رسول ميمڻ جون ان قسم جون ڪهاڻيون شامل آهن، مقصد ۽ مطلب ڪان عاري ڪو نہ هونديون آهن. چوڻ جو مقصد هي آهي تہ سندس نئين مجموعي جي ڪهاڻين ۾ نظريو فن تي حاوي ڪونهي، جڏهن تہ سندس ٻين گنڀير موضوعن وارين ڪهاڻين ۾ مقصد ۽ نظريو فن تي حاوي نظر ايندو. سندس ڪهاڻي ”ورڪا“ (جنهن جو ذڪر مٿي ڪري چڪو آهيان) جي ٽريٽمينٽ اهڙي تہ خوبصورتي سان ڪئي وئي آهي جو ان ۾ پيٽ ڪيل نظريي ۽ ڪهاڻيءَ جي اسٽرڪچرل تاجي پيٽي ۾ توازن نظر ايندو. رسول ميمڻ جي ڪهاڻي ”ورڪا“ خارجي ۽ داخلي حقيقت نگاري ۽ خوبين واري صورتحال جي امتزاج جو اعليٰ نمونو آهي.

دنيا جي ڪنهن بہ سچاڻ اديب ڪا هڪ بہ سٽ بنا مقصد ۽ مطلب جي ڪا نہ لکي

آهي. هر تخليق جي پٺيان ڪو نہ ڪو مقصد مطلب ضرور هوندو آهي. سوال فقط هيءُ هوندو آهي تہ ڪنهن ليکڪ ڪيتري حد تائين ان مقصد ۽ مطلب کي فني طرح سان نڀايو آهي. سو رسول ميمڻ جي لکڻين ۾ مقصد ۽ مطلب ڪٿي واضح تہ ڪٿي ڳجهو پر آهي ضرور. ان سان گڏ موجوده دور جي ٻين نوجوان ۽ روشن دماغ ليکڪن وانگر آزاد طبع آهي هو پنهنجي تخليقي اظهار کي ڪنهن بہ ضابطي جو پابند بنائڻ پسند ڪو نہ ڪندو آهي. تنهن ڪري سندس لکڻيون گهڻ رنگي ۽ وسيع ڪينواس رکن ٿيون ۽ لڳي ٿو تہ هو پنهنجي تخليقي اظهار ذريعي فن ۽ فڪر جي انهن بلندين تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندو، جتي (بقول سارتر) پهچڻ بعد فنڪار پنهنجي تخليق تي حيرت ڪائيندي بي اختيار چئي ڏيندو آهي تہ: ”ڇا هيءَ تخليق منهنجي آهي؟“

مرد – نامرد

وڏندڙ رات سان گڏ هنن جي شهوت ۾ به اضافو ٿي ويو هو ڪجهه دير لاءِ ماحول جي هر شيءِ کان غافل ٿي ويا. راهو خانيءَ کي نيپوڙيندو رهيو ۽ خانيءَ وات کولي ٿڌا ساهه کڻندي رهي، راهوءَ جا هٿ هن جي چيلهه تان ترڪندا هر هر ڇاتين تي رڳڙجي رهيا هئا. هوءَ هن جي ڪنڌ ۾ ٻانهون ورايو بي سڌ پئي هئي.

وقت گذرندو ويو. هو پنهنجي ڪچيءَ جاءِ جي ڇت تي ائين ئي هڪ ٻئي سان ڳنڍيا رهيا. هنن جي جاءِ به ٻين ڪڙمين جي جاين جي پڪ ۾ وڏيري زوراور خان جي ماڙي جي بلڪل هيٺان هئي. جتان چنڊ به نظر ايندو هيو ته ائين جيئن ڪنهن وڏو گولو ٻاري وڏيري جي ماڙيءَ جي پلوڙي تي رکي ڇڏيو هجي. ان رات به آڌيءَ ويل تيرهينءَ جو چنڊ ائين ئي وڏيري جي ماڙيءَ مٿان بيٺو هو. هو ٻئي ڪيتري دير پاڻ ۾ ڳنڍيا رهيا. راهوءَ سٽ ڏئي خانيءَ جو اڱڻ کوليو ئي مس ته خاني جي بدن مان ڇڻ ڇرڪ نڪري ويو، جيئن هن کي ڪنهن پنيءَ ۾ ڪلي وهائي ڪدي هجي، راهو جي پني تي آڱريون گسائيندي، هن اوچتو مٿي نهاريو ته هن کي تيرهينءَ جي چنڊ هيٺان، مٿان بيٺل اچي ماڙيءَ تي وڏيري زوراور خان جو ڦلوسٽي جهڙو منهن نظر آيو، جيڪو پنهنجي وڏين مڇن تي هٿ ڦيري هيٺ نهاري رهيو هيو. خانيءَ اشاري سان راهو کي مٿي نهارڻ لاءِ چيو، راهوءَ جيئن ئي مٿي نهاريو ته هن کي ڦهليل چانڊوڪيءَ ۾ وڏيري جو مڪار منهن نظر آيو ۽ هن خانيءَ جي چيلهه مان ٻانهون ڪدي پاڻ کي سڌو ڪري ڇڏيو. وڏيرو هيٺ نهاريندي لنوائي ڪنڌ کي ائين پاسيرو ڪري ويو جيئن ان ڪجهه ڏٺو ئي نه هجي. راهو ۽ خاني ائين ئي حيران بستري تي سڌا ٿيا پيا هيا. انهن کي محسوس ٿي رهيو هيو، جيئن ڪجهه ٿيو ئي نه هجي، هنن هڪ ٻئي، کي ڀاڪر پائي ٿڌيون آهون به نه ڀريون هجن. هو اڃان به حيرت مان چانڊوڪي ۾ وهتل پنهنجي مٿان بيٺل ديو جيڏي رئيس جي ماڙي کي نهاري رهيا هيا، جيئن اها ماڙي نه پر ڏائڻ هجي جيڪا ڪجهه وقت اڳ هنن جي دلن ۽ بي سڌ جسمن مان سڀ ڪجهه چوسي وئي هجي. هو هاڻي ڪوڪلا ٿي چڪا هيا. هڪ ٻئي مان بيزار ۽ خوف کي ذهن ۾ سانديي اپ ۾ نهاريندڙ ڊانچا.

اها انهن لاءِ نئين ڳالهه نه هئي. هر روز وڏيرو زوراور خان ماڙيءَ مٿان منديي ڪدي پيو انهن جي اوگهڙ ڏسندو هيو. هو اونهاري اچڻ کان پوءِ هڪ رات به سڪون سان نه ستا

هيا. هنن کي پنهنجي مٿان بيٺل وڏيري جي ازدها جيڏي ماڙي پاڻ تي ڪرندي محسوس ٿيندي هئي. هو هلندڙ اونهاري ۾ هڪ ٻئي کي ڪڏهن به مطمئن نه ڪري سگهيا هيا. هو سمهندا هيا ته هنن کي پنهنجي وچ ۾ خوف جي ڊگهي ديوار محسوس ٿيندي هئي، جيڪا ڇڻ هنن جي ڪڏ ڪان وٺي وڏيري جي ماڙيءَ تائين بلند هئي ۽ هو اهو سڀ ڪجهه برداشت ڪندي به چپ هيا.

صبح ٿيو ته راهو هميشه جيان سڀ ڪجهه وساري ڏاندن جي جوڙي ڇوڙي ٻنين ڏانهن هليو ويو ۽ شام جو لهندڙ پاڇولن سان ٽڪجي، ڏاندن کي ڳنڪارون ڏيندو ڳوٺ ڏانهن وڌيو. لهندڙ سج ڪري اپ ۾ بيٺل ڳاڙها پاڇولا ترايـن ۾ آيل تازي پاڻيءَ کي رنگي رهيا هيا. وڻ ماٺ هيا ۽ سڄي ماحول تي هٻس ڪري مونجهه ڇانيل هئي. هو هلندي هلندي آڊي شاهه جي مقبري کي ويجهو ٿيو ته هن جي گوڏ پٽ تي پيل ڪنڊيءَ جي سڪل ٽاري ۾ اٽڪي. هن بيهي ان کي ڇڏائڻ لاءِ هٿ ئي ڊگهيڙيو ته هن جي ڪن تي ڪنهن عورت جي ڪلڻ جو آواز پيو. ”ڇڏ....ڇڏ“ اها ڪلي ڪنهن ڪان پاڻ ڇڏائي رهي هئي. هن کي آواز ڇاتل سڃاتل محسوس ٿيو. هو ڳنڪار سان ڏاندن کي بيهاري ڪلرائي زمين تي آرام سان پير رکندو آهستي آهستي اوڏانهن وڌيو ته هن جي نظر خانيءَ تي پئي، جا ڪلي مولوءَ ڪان پنهنجيون ٻانهون ڇڏائي رهي هئي، مولوءَ جي چپن تي مرڪ هئي. جنهن ڪان هن جون وڏيون مڇون اجان به وڏيون ٿي ويون هيون، هر هر خانيءَ کي پڪڙي سيني ڏانهن وڌائي رهيو هيو، خاني اڪ جي ڦليءَ جيان ٽڙيل هئي، هن جي چپن جي سرخي ۽ چپن هيٺان چمڪندڙ ڏند، ان جي گواهي ڏئي رهيا هيا ته هن کي جيئڻ پيار ۾ پهريون دفعو خوشي ملي هجي.

راهو انهن کي ڏسندو رهيو ۽ هن جي دل بيهڻ لڳي هلڻ لڳي. هن جي من چاهيو ته هو رڙ ڪري، ڪندين جي اوٽ مان نڪري انهن تي حملو ڪري ٻيا ڳيا ڪري ڇڏي، پر هن وٽ ان وقت ڪو به هٿيار نه هيو ۽ هو ائين ئي دل ۾ پڇري انهن کي ڏسندو رهيو. مولو خانيءَ کي ڀاڪر تائين آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. خانيءَ جو ڪونئرو بدن هن جي طاقتور ٻانهن ۾ اڇڻ ڪان پوءِ، هن جي ڏورن جي دٻاءَ ڪان ڇڻ سسي ويو. هن هيٺ ڪنڌ ڪري ڳڻي کي مولوءَ جي ڇاتيءَ تي رکي ڇڏيو، مولوءَ بي قراريءَ سان هن کي ڀاڪر پائي هلڪا زور ڏيندو رهيو.

”راهوءَ مان ڪڏهن مزو آيئي؟“ هن پڇيو.

خانيءَ ڪنڌ کي نه ۾ ڌوڻي، وات سان به ڳنڪار ڪري ”نه“ ڪئي ۽ پاڻ چيو ”اهو ته

نامرد آ“ ۽ ٻنهي کان کل نڪري وئي.

راهوءَ ڪنڌين پويان ڏسندي ڪنڌ ٻئي پاسي ڏانهن لاڙي ڇڏيو. هن جي دل پڇري رهي هئي. هو روئڻ پيو چاهي. هن کي خانيءَ جي بي وفائيءَ تي ڏاڍا خار آيا ۽ هن پڪو پهه ڪيو ته هو خانيءَ ۽ مولوءَ کي جيئرو نه ڇڏيندو.

رات گهري ٿي وئي هئي. هو اڪيلو ڪوٺي تي اکيون آسمان ۾ کپائي، خاموشيءَ سان ليٽيو پيو هيو. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ جو هن کي ڪو اونو نه هيو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها هيا ۽ انهن ڳوڙهن ۾ آسمان ۾ ٻيٺل ستارن جا عڪس جهرمر ڪري رهيا هيا. هو خانيءَ جي بي وفائيءَ تي سوچيندو رهيو. هن وٽ چين نه هيو، سڪون نه هيو، هڪ مسلسل بيزاري هئي، جيڪا هو مدتن کان پنهنجي وجود ۾ محسوس ڪري رهيو هيو. پهريون هو ڪنهن اڻ ڄاتل خوف کان راتيون جاڳي گذاريندو هيو ۽ هاڻي هن لاءِ ڄڻ پورو جيون هڪ اڻ ڪٽ ڪاري رات هئي، جنهن جو ڪو انت نه هيو، هن کي حياتيءَ جي پوري رات جاڳي گذارڻي هئي.

ڪجهه گهڙيون گذريون ته خاني پير پير ۾ ڏئي مٿي آئي. هن جي هلڻ ڪري سٽرن سان گسي پراڻي ريشمي سلوار جا سرڙاٽ ٿيا. راهو سڀ ڪجهه محسوس ڪندي به ائين ئي اپ ۾ اکيون کپايو خاموشيءَ سان پيو هيو. خاني ڏڪندي ڏڪندي هن جي پڪ ۾ آئي.

”ڪيڏانهن وئي هئينءَ؟“ هن ائين ئي اپ ۾ ڏسندي سوال ڪيو.

”ماسيءَ ڏي“

هن پهريون دفعو اپ مان اکيون هٽائي هن کي نهاريو. ”تنهنجو منهن چو پيلو ٿي ويو آ؟“

هوءَ چپ رهي ۽ هن اکيون هيٺ جهڪائي ڇڏيون.

”سچ ٻڌاءِ ڪهڙي نانگ ڏنگيو ٿي؟“

هوءَ اجا به چپ هئي ۽ هيٺ جهڪيل ڪنڌ سان ئي اکين جا ڇپر مٿي ڪٽي هن کي نهاريندي رهي.

”سڄو بدين پيلو ٿي ويو ٿي... ۽ اجا جيئري آن؟“ هن چيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ پاڻ ئي ڏاڍيان ڳالهائيندي چيو ”توکي مري وڃڻ کپي“.

هو ڳالهائي ڳالهائي خاموش ٿيو ته هوءَ پاسو وٺي هن جي پر ۾ سمهي پئي. راهوءَ کي محسوس ٿيو هن کي خانيءَ مان مولوءَ جي بدبوءِ ايندي هجي. هن چاهيو ته هو ڇري ڪٽي هن جو ڪنڌ ڪپي ڇڏي پر اوچتو هن جي نظر مٿي وڃي پئي، چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ هن کي وڏيري زوراور خان جو منظر نظر آيو جيڪو مڄن تي هٿ ڦيري اکيون ڦاڙي

پنهنجي ماڙيءَ تان هيٺ نهاري رهيو هيو.

صبح ٿيو تہ هن هر سان گڏ کهاڙي بہ ساڻ کنئي ۽ ڏاندن کي ورائيندو اچي ٻنيءَ پيڙو ٿيو.

جڏهن سانجهي ٿي ۽ ڪونجون قطارون ڪري نيري اڀ ۾ بيٺل ڳاڙهن بادلن سان گسنديون وڃڻ لڳيون تہ هن بہ ڪهاڙيءَ کي ڳن ڪان وٺي سٽ سان ڪٽي ٻاهر ڪڍيو. واهيءَ تي هٿ منهن ڌوئي قميص پائي ٻني تي بيٺل انبن جي وڻن کي اورانگهي ڪلراٺي زمين تي قدم رکندو آڌي شاهہ جي مقبري کي ويجهو ٿيو. هن پاسو وٺي ڪنائڻ شروع ڪيو. اتي لڏندڙ ساين ڪندين پويان هن کي سڙٻاٽ ٻڌڻ ۾ آيا ۽ هو پير پير ۾ ڏئي وڃي ڪندين جي اوٽ ۾ بيٺو.

”رات ڏاڍو هتو تتو ويٺو هيو... مئو“.

راهوءَ کي آواز آيو ۽ هن ڪنڊيءَ جي لامن کي پاسيرو ڪري اندر نهاريو.

هن کي خانيءَ ۽ مولو هيٺ پوري گاهہ تي ليٽيل نظر آيا. مولوءَ جون ٻئي ٻانهون خانيءَ جي چوڌاري ويڙهيل هيون.

”نامرد آ تہ پوءِ توکي طلاق ڇو نہ ٿو ڏئي؟“

مولوءَ چيو.

”مئي کي زماني ۾ پنهنجو ڀرم بہ تہ رکڻو آ نہ“.

مولوءَ هن جي ڳل تي چمي ڏني، راهو وڏيڪ دير ڏسي نہ سگهيو هن جا هٿ ڪهاڙيءَ جي ڳن ۾ مضبوط ٿي ويا. هو وار ڪرڻ لاءِ بالڪل تيار ٿي ويو.

”توکي راهوءَ مان ڪڏهن مزو نہ آيو؟“

”پوري اونهاري ۾ هن مون کي هڪ دفعو بہ آرام نہ ڏنو“. خانيءَ درد گاڏڙ آواز ۾ چيو.

اوچتو راهوءَ جي همت پست ٿي وئي. هو اکيون ڪپائي انهن کي ڏسندو رهيو. هن ۾ اها همت ئي نہ رهي جو هو اڳتي وڌي انهن جو خاتمو ڪري. هن خانيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ پاڻ کي ڏوهي محسوس ڪيو. هن خانيءَ کي واقعي ئي ڏنو ڇا هيو؟ هو هڪ دفعو بہ خانيءَ سان ڀپ ڪان آجو ٿي نہ سمهيو هيو. هن خانيءَ کي جوانيءَ جو لطف ئي کهڙو ڏنو هيو. هن کي ياد آيو هڪ دفعو جڏهن هو چانڊوڪي رات ۾ خانيءَ سان ستو پيو هيو تہ هن جا هٿ خانيءَ جو اڳٺ کوليندي ڪيئن نہ ڏکي رهيا هئا. هن محسوس ڪيو هيو جيئن وڏيرو زوراور خان خانيءَ جي اوگهڙ ۾ منهن هٽي بيٺو هجي. هن پوءِ بہ ان رات

خانيءَ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هر خوف کي ٽڏي هن کي جوانيءَ جو مزو ڏيڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي، هو جڏهن انتها کي پهچڻ وارو هيو ته اوچتو وڏيري ماڙيءَ تان منهن ڪيي هيٺ نهاريو هيو ۽ پوءِ هن محسوس ڪيو هيو جيئن هن جو بدن بي سڌ ٿي پاڻيءَ جي نديءَ ۾ ڪريو هجي ۽ ٻڙ ٻڙ ڪندو ان جي ترري ۾ هميشه لاءِ ٿڌو ٿي ويو هجي. هو سڀ ڪجهه سهڻ جي باوجود وڏيري کي ڪجهه نه چئي سگهيو هيو. هن کي وڏيري جي ظلم ۽ ستم جي خبر هئي ان رات مجبور ٿي هن ڏاڍيون ڪري روئڻ چاهيو هيو، پر رات لڙڻ کان پوءِ جاڳندي جاڳندي پنيرڪي ويل هن خانيءَ جا سڏڪا ضرور ٻڌا هيا.

راهوءَ جا هٿ کهاڙي مان ڍلا ٿي ويا. هن منهن تي ٻانهن ڏئي مٿو ڪنڌي جي ڏار سان هٽي روئي ڏنو. هو پنهنجي سڏڪن تي ضبط ڪري رهيو هو. جيئن خانيءَ ۽ مولوءَ هن جي وجود کي محسوس نه ڪري سگهن. هن خانيءَ کي بيگناهه سمجهيو هن کي وڏيري تي ڏاڍا خار آيا. هن جا هٿ هڪ دفعو وري کهاڙيءَ ۾ سوگها ٿي ويا ۽ هو رات جو سينو چيريندو وجي وڏيري جي حويليءَ کي ويجهو ٿيو. هن چپ چپ ڪري چوڪيدار کان نظر بچائي، حويلي جي ٻاهرين ڀت ٽپي وڃي ڏاڪڻ تي پير رکيو.

ڏاڪڻيون اورانگهيندو جڏهن هو مٿي ماڙيءَ تي پهتو ته هن جي سامهون وڏيرو ۽ وڏيري ٻئي پلنگ تي اگهاڙا پيا هئا. هو ڏاڪڻ جي ڀت جي اوٽ تي نهارڻ لڳو. هن ڏٺو هو ٻئي هر شيءِ کان بي نياز زندگيءَ جو سڪي سڪي مزو وٺي رهيا هيا.

وڏيري ۽ وڏيريءَ جي بي پناهه سڪون کي ڏسي راهوءَ اڳيان خانيءَ جو اڳٺ ڪولڻ وقت پنهنجا ڏڪندڙ هٿ ڦري ويا. ڪيڏو نه فرق هيو هن ۽ وڏيري ۾. راهو وڏيک دير ترسي نه سگهيو. هو هڪل ڪري ڏاڪڻ جي اوٽ مان نڪتو ۽ اکيون ڦوٽاري، کهاڙي اڀي ڪري وجي انهن تي ڪڙڪيو. ڪن پل ۾ هن ٻنهي جا ٽوٽا ڪري ڇڏيا. انهن جي ماڙيءَ کي رت سان آلو ڪري ڇڏيو. انهن کي مارڻ کان پوءِ هن محسوس ڪيو، جيئن هن جي بدن ۾ ڍلائي اچي وئي هجي. سڪون کان هن جي انگ انگ ۾ مستي سمائجي وئي هجي. جيئن هن هنن جي موت کان پوءِ خانيءَ کي جوانيءَ جو لطف ڏنو هجي. هن کي جوانيءَ جي مزي کان آگاهه ڪيو هجي، جيئن هن خانيءَ کي يقين ڏياريو هجي ته هو نامرد نه آهي.... مرد آهي......وحشي مرد.

چچريل زندگين جا قافلا

ڪڪڙن دس هنيا ۽ باڪ ڦٽي پئي، ڪاراڻ جو سينو چيري، سچ جي پهرين ڪرڻن اڀ ۾ نيراڻ پکيڙي ڇڏي. ستارا الوپ ٿي ويا ۽ اڀ ۾ بادلن جهڙا اڇا پکي زندگي کي برقرار رکڻ جي جدوجهد ۾ ٽيئون ٽيئون ڪندا اڏامندا ويا. صبح جي ٿڌي هير ۾ ٽڙندڙ وڻن جي ٽامن کي ماڪ ڦڙا وهنجارڻ لڳا ۽ هو ٻه هٿ منهن ڌوئي پنهنجي لوڙهي جو در ٽپي، ٻنين ڏانهن ويندڙ ڪڙمين جي قافلي ۾ شامل ٿي ويو. هر ڪلهي تي هر هيو ۽ اڳيان صبح جي هير جهڙا پوتر وڄندڙ ٽنگ ٽنگ جا آواز، جيڪي ڳنڪارن تي پڇ لوڏي جهومي جهومي هلندڙ ڏاندن جي ڳچيءَ ۾ پاتل ڇنگن مان بلند ٿي رهيا هئا. هر ڪو ڪکائن جهوپڙين مان نڪرندو ويو ۽ ڪلهي تي هر رکي، پيچرن جي ڌوڙ اڏائيندو قافلي ۾ شامل ٿيندو ويو. ڏٻرا، پيڙيل انسان ۽ انهن تي هرن جو وزن، جن کان لڙ ڪڙائي هلندڙ انسان، ائين ٿي محسوس ٿيا جيئن هو ڪلهن تي جنازي جو سامان سجائي قبرن جي ڳولا ۾ نڪتا هجن. هر مک تي نراسائي هئي ۽ زور سان چيپيل چپن ۾ ڦاٽل ڇنگهه، ائين ٿي لڳو جيئن راهو ٻه ان قافلي پويان ڪنڌ جهڪايو پئي هليو. هن جي ڪلهي تي ٻه هر هيو ۽ اڳيان ڇنگ وڄائي، جهومي جهومي هلندڙ ڏاندن جو جوڙو. پنيي ڪاري ڏاڙهيءَ وارو راهو، جنهن جي ڏاڙهيءَ جا وار سدائين سڌا، سخت هوندا هيا. جن کي گهوگهٽ ڪري هلندڙ اونهاري جا جهولا ڪڏهن ٻه ڇڙ وڇڙ نه ڪري سگهندا هيا. اهي ڪنهن ٻلوان جي سيني جيان سخت هيا. هن کي مٽي تي پوتڙو ويڙهيل هيو ۽ ململ جي ڊگهي قميص هيٺان گوڏن کان مٽي ٻڌل انگوڇو جنهن مان هن جون گهاٽن وارن سان ڍڪيل ڄنگهون هميشه ظاهر هونديون هيون ۽ اهي هن جي جسم جي داٻ ڪري ڌڌڙ ۾ پنين تائين اونهيون هليون ونديون هيون.

قافلو وڌندو ويو ۽ ڳوٺ جا پوئتي ڇڏيل جهوپا اڳتي وڌندڙ قافلي جي قدمن جي ڌوڙ ۾ ڏنڌلڪا ٿيندا وڻن پويان گم ٿي ويا ۽ اڳيان ميلن ۾ ڦهليل، ساون وڻن جي جهنڊن ۾ لڪل ٽوٽ سڪل زمين جا ٻارا، انهن اڳيان نروار ٿي بيهي رهيا.

راهوءَ منجهند تائين هر ڪاهيو ۽ هو سج جي وڌندڙ تپش جو تاب نه سهي ڪيڙيل زمين جي وڏن وڏن ڍترن تي قدم رکندو اچي واهه جي ڪناري تي ويٺو. هن پاڻيءَ جو ٻڪ

پري وات ۾ وڏو ۽ لڳاتار پاڻيءَ جا پنج ڇهه ٻڪ پي ويو. هن اونهو ساهه کڻي پنهنجي ڏاڙهيءَ ۽ مڇن ۾ لڙڪندڙ پاڻي جي بوندن کي ٻانهن هٽي مهٽيو ۽ پنهنجي آلين ٻانهن کي قميص جي پاند سان اگهندو، ٻنيءَ جي بند تي بيٺل ٻير جي ڇانو ۾ اچي ويٺو. هن ڪجهه گهڙيون اکيون ٻوٽي پاڻ کي ڍلو ڇڏي ڏنو ۽ پوءِ اکيون کولي سامهون ڦهليل ڌرتيءَ کي نهاريو. ناسي پوري ڌرتي تي پاتل هر جا تازا ليڪا ۽ ڪاٽي ڪاٽي بيٺل ٿوها. هن کي اها ڌرتي ڇانگري ٻير جيان محسوس ٿي. جنهن مان هو ڦل حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ وڌائيندو ۽ اهي زخمي ٿي پوندا. هن سوچيو ڪيس ان ڌرتيءَ تي گهمڻ مهل قدم قدم تي زهري ڪنڊا محسوس ٿيندا هيا. هن کي ان ڌرتيءَ ۾ ڪڏهن به پنهنجائپ محسوس نه ٿي هئي. اها اوپري هئي تڏهن ته هن کي رسولو چوندو هو ته ”راهو، ڇا تون جنهن ڌرتيءَ تي ڌر تتيءَ ٻکون ۽ تڪليفون ڪاٽي هر هلائين ٿو اها توکي ڪڏهن پنهنجي محسوس ٿي آهي“.

هو سڀ ڪجهه سمجهندي به پنهنجي وڏن واتان ٻڌل جملو چوندو هيو ”ڌرتي وڏيري جي آهي، اهو مالڪ آهي، اسان کي ڀلا ڪهڙو حق ٿو پهچي ته پرائي ملڪيت تي قبضو ڪريون؟“ پر اڄ هن کي احساس ٿي رهيو هيو، رسولي سان هن جون ڪيل ڪچهريون هاڻي رنگ ڏيکاري رهيون هيون، هن جو يار رسولو جيڪو خبر نه هڪ ڏينهن ڪٿان اچي ڳوٺ ۾ وارد ٿيو ۽ پيٽ پالڻ لاءِ وڏيري وٽ ڌنار ٿيو هو. سنهڙو ۽ خوبصورت شڪل وارو جيڪو ڌنار گهٽ ۽ ڪاليج ۾ پڙهندڙ ڇوڪرو وڌيڪ لڳندو هيو. هو هر ڳوٺاڻي سان زوريءَ ڪچهري ڪندو هيو. انهن سان عجيب قسم جون سمجهه ۾ نه ايندڙ ڳالهيون ڪندو هيو.

اهو پوءِ، هن راهوءَ کي ٻڌايو هيو ته هو شهر مان صرف انهن کي پنهنجي حقن ۽ وڏيري جي ظلم جو احساس ڏيارڻ آيو آهي، هو لکيل پڙهيل آهي ۽ هن جا ٻيا ساٿي به آس پاس جي ڳوٺن ۾ ٻين هارين سان گڏ ٻنين تي ڪم ڪري رهيا آهن. رسولو هوندو ڏاڍو بي باڪ هيو، ٻڪريون چاريندي موج ۾ اچي سيٽيون گهٽيون وڄائيندو هيو، سيٽي هن جي اچڻ جي مخصوص نشاني هوندي هئي، ان ڪان پوءِ هو ڪلهن ۾ لٺ لٽڪايو، موج ۾ جهومندو، وڻن جي جهنڊن مان ظاهر ٿيندو هيو. هو وڏيري جي سخت خلاف هيو، هو چوندو هيو ”هي زمينون انهن جون آهن جيڪي انهن کي آباد ڪن ٿا. ڪوئي ڪنهن جو مالڪ نه آهي. هر انسان پنهنجي زندگيءَ ۽ محنت جو پاڻ مالڪ آهي ڪوئي به ڪنهن جي زندگي کي استعمال ڪرڻ جو حق نه ٿو رکي، سڀ برابر آهن“. ڳوٺ جا ڪراڙا هن کي چريو سمجهندا هيا، هو جڏهن به مستيءَ ۾ سيٽيون وڄائيندو، ڪلراٺي زمين تي هلندو وڻن جي پويان ظاهر ٿيندو هيو ته منجهند جي وقت، ٿڪاوٽ ۽ گرميءَ ڪان چور چور ٽاپ تي ٿڌي

پاڻيءَ جي مٿ تي چوڏاري ويٺل، ڪراڙا هن کي پريان ڏسي ڪلي پوندا هيا.

”اڇيو ٿو ڇريو“ هو چوندا هيا ۽ پوءِ ٽهڪن ۾ ٻڏي ويندا هيا. پهريون پهريون رسولي انهن ٻين سان چڱي مٽي ماري ڪئي هئي. پر ان ڳالهه کي هميشه بيوقوفي تصور ڪندا هيا ته هو پنهنجي زندگي پاڻ تي استعمال ڪرڻ جا مستحق آهن. پوءِ رسولي به انهن کي ڪن هٽن ڇڏي ڏنو. هو راهوءَ کي واچ ڇپي ڪري ڪلهن ۾ لٽڪيل لڪڻ ۾ هٿ اٽڪائي هيٺ جهڪي، پنهنجي مخصوص انداز ۾ چوندو هيو. ”ڪراڙا موت ڪان سواءِ ٻيو سوچي به ڇا ٿا سگهن؟“ هو نوجوانن ۾ يقين رکندو هيو پر آخري وقت تائين هو پنهنجي پر جو هڪ نوجوان به ٿاهي نه سگهيو. نوجوان اڪثر ڇڙواڳ هيا، هو ڇوڪرين جي ڳالهين ڪان سواءِ ڪا ٻي ڳالهه ٻڌڻ لئي تيار نه هوندا هيا ۽ خاص ڪري سردين ۾، جڏهن ساوا ڇٽا ناسي ٿي ويندا هيا ۽ پوهه جا پارا ڦٽي نروار ٿيندا هيا، ته ٿوليون ٺاهي، ڪنهن پيپهي هيٺان باهه ٻاري ڏڏڙي پچائيندا هيا ۽ هٿ سيڪي مزي مزي سان ڳوٺ جي جوانڙين جون ڳالهيون ڪندا هيا ۽ ڏڏڙي چٻاڙي راتيون بسر ڪندا هيا. ڪڏهن راهو به انهن جيان هو، پوري رات هو خانيءَ جي تصورن ۾ بسر ڪندو هيو ۽ ائين ئي پيپهي هيٺان پوهه ۾ ٻرندڙ باهه ۾ ڏڏڙيءَ تي ڪچهريون ڪندي هن جو وقت بسر ٿيندو هيو. پر جڏهن پٽس گذاري ويو ۽ بيواهه ماءُ ۽ يتيم ڀائرن جو ٻوجهه اچي سندس ڪلهن تي پيو ته هو پنهنجي جاءِ تي اچي وڏيري جي زمين جو هاري ٿيو هو. رسولي سان هن جي ملاقات به اتي ئي ٻنيءَ تي ٿي هئي ۽ پوءِ هو هن جي بي باڪ شخصيت ڪان متاثر ٿي هن سان گهرو ٿي ويو هيو. رسولو راهوءَ کي هميشه ان ڳالهه تي اڪسائيندو هيو ته ڪيئن به ڪري وڏيري ڪان زمين کسجي، ۽ اها ڳوٺ جي هارين کي ورهائي ڏجي. ڪڏهن ڪڏهن راهوءَ کي رسولي ڪان خوف محسوس ٿيندو هيو، جيئن هو ڳوٺ ۾ وڏيري کي قتل ڪرڻ آيو هجي هن جي ياري هڪ قاتل سان هجي، پر تڏهن به هن کي رسولي جي ڳالهين ۾ پنهنجائپ جو احساس ٿيندو هو ۽ هن جي عزت ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن هو رسولي سان گڏ سرور شاهه جي مقبري جي ٻاهران مٽيءَ جي ٿلهي تي ويٺو هيو. سنجها جو ٽائيم هيو ۽ مقبري مان ايندڙ پاريهرن جي ڳٽڙون ڳون، ڳنڙ گون جا آواز بلند ٿي رهيا هيا، سرمئي انڌيرن ۾ ڳاڙهو شفق، افق ۾ جذب ٿي ويو هيو. هاري ڪلهن تي هر ڪنيو ڊوڙندا ٿيا، ڏاندن کي ڳنڪارون ڏيندا وٿاڻن ڏانهن وري رهيا هيا. وڻ خاموش هيا ۽ هوا ۾ اوپر ڪري هبس سمايل هيو. ڳالهين ڳالهين ۾ رسولي هن کي شهر جو هڪ واقعو ٻڌايو هو. هن چيوهو ته ”راهو، شهر جي پوليس هڪ اهڙي ٽولي کي پڪڙيو

آهي، جيڪو ٻارن کي اغوا ڪري پٽر ڊوئائيندو هيو ۽ انهن کي زوريءَ ڀنائيندو هو“.

”اڇا!“ راهو جون اکيون ويڪريون ٿي ويون هيون ۽ هن چيو هو ”پوءِ پوليس انهن کي ڇا ڪيو؟“

”ڦهريون پوري ڳالهه ٻڌ نہ“ رسولي چيو هو ۽ پوءِ ساڳي مخصوص انداز ۾ واڇ ڇڪي ڪري ڳالهه جاري رکي هئي. ”اهي انهن ٻارن جي ڪمائي پاڻ کٽندا هيا، انهن کي مارون ڏيندا هيا ۽ ڳتن کي ڏنڀ ڏئي انهن جي منهن کي خراب ڪري ڇڏيندا هيا. جيئن انهن کي مائٽ نہ سڃاڻي سگهن“.

”انهن کي ڪارائيندا پيارندا بہ پورو سارو هيا؟“ راهوءَ ٻار جيان بي چين ٿي سوال ڪيو هو.

”انهن کي ڪارائيندا بہ پورو سارو هيا بس جيئن اهي جيئرا رهي سگهن ۽ انهن لاءِ ڪمائي سگهن.“ رسولو ڪجهہ دير خاموش ٿي ويو هو، جيئن پنهنجي سوچن کي گڏ ڪندو هجي، پوءِ هن ڳالهہ کي پورو ڪندي چيو هو ”هڪڙي ڏينهن پوليس ڇاپو هڻي ان ٽولي کي پڪڙيو ۽ جيل اماڻي ڇڏيو“.

”بس ڇڙو جيل اماڻي ڇڏيو؟“ راهوءَ ڪاوڙ ۾ چيو ”جيڪڏهن مان پوليس وارو هجان ها تہ انهن کي ڦاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيان ها.“

جوش کان راهوءَ جي ڳلن ۾ سرخي پرجي آئي هئي ۽ هن جي ننڍي ڏاڙهيءَ جا وار سڌا ٿي سخت سوئي جهڙا ٿي ويا هئا. رسولي ڪجهہ دير راهوءَ کي نهاريو هيو ۽ پوءِ هن جي منهن ۾ گنڀيرتا پرجي آئي هئي، سنجها هن جي ڳوڙهن کي لڪائي ڇڏيو هو.

”راهو، هڪ ڳالهہ چوانءِ ناراض تہ نہ ٿيندي؟“ رسولي چيو هو ۽ راهوءَ ٺهہ ڦهہ وراڻيو هيو ”چئہ“

رسولي ڀريل آواز ۾ چيو هيو ”تون انهن ظالمن کي ان ڪري ڦاسيءَ تي چاڙهين هان جو انهن معصوم ٻارن جي زندگي تباهہ ڪئي هئي، انهن تي ظلم ڪيو هيو؟“

راهوءَ عجب مان هن کي نهاريو هيو ۽ لاشعوري طور چيو هيو.

”ها ها....“

”تون انهن کي ان ڪري نہ بخشين هان جو انهن ڪن انسانن جي زندگيءَ کي استعمال ڪري انهن کي تباهہ ڪيو، پنهنجي زندگيءَ کي ڇاهيو؟“

”ها ها.... اڳتي چئہ“

”راهو زندگي انسانن کي هڪ دفعو ملندي آهي، جيڪڏهن انسان دنيا ۾ هڪ دفعو

اچي اها زندگي به ڦرائي وجي ته ان کان وڏيڪ ڏوکو کهڙو آهي”.

”ها ها بابا سمجهيم... اڳتي چئه نه.”

راهوءَ بيزار ٿي چيو هيو ۽ سيني ۾ کنهن اڻتڌڙ درد کان رسولي جون اکيون ڀرجي آيون هيون. هن جي ٻي ٻاڪ آواز ۾ ٿڙيون ڀيرو لرزش اچي وئي هئي ۽ اهو ڳورو ٿي ويو هيو. هن چيو هيو ته ”پوءِ راهو هي جو روز هزارين هاري ڏوکو کائي پنهنجي زندگي ڦرائي رهيا آهن، سندن زندگيءَ جو ڀورهيو وڏيرو ڏاڙو هٽي، ڦري وجي ٿو، ڇا اهو ظلم نه آهي، تون زمين تي هر هلائين ٿو، کيترن مهينن جي محنت کان پوءِ، جڏهن کيتن ۾ ساوا سلا اپري سونهري ٿين ٿا، ته وڏيرو تنهنجي محنت تي قبضو ڪري ڪٽي وجي ٿو ڇا تون پاڻ ڪڏهن پيٽ ڀري کاڌو آهي؟ تنهنجي زندگي ڇا زندگي نه آهي؟ ته پوءِ اها زندگي کيئن وڏيري جي ڪم اچي ٿي. تون جيئن چيو ته مان انهن ظالمن کي ڦاسيءَ تي لڙڪائي ڇڏيان ها، جيڪي معصوم ٻارن جي زندگين کي ڦري، پنهنجي زندگيءَ کي ٺاهين ٿا، ته ڇا وڏيرو هزارين هارين جي زندگين کي استعمال ڪري پنهنجو ڀيٽ نه ٿو ڀري؟ اسان جي سماج ۾ هو هزارين زندگين کي پنهنجي مفاد ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ حق بجانب آهي؟ راهو توکي مڃڻو پوندو ته ماءُ جي پيٽ مان هر انسان هڪجهڙو ايندو آهي. ڌرتي کنهن جي ميراث نه هئي نه آهي، ته پوءِ کيئن هڪ شخص کنهن ٻئي شخص جي زندگيءَ کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪرڻ جو حق رکي ٿو. ڇا تون ان شخص کي ڦاسي نه ڏيندين جيڪو هزارين زندگين جو مالڪ سڏائي، انهن کي استعمال ڪرڻ کان پوءِ به سزا جو حقدار نه آهي؟”

راهو صفا سسي ويو هيو ۽ هن ٿڌو ساهه ڀري چيو هيو ”يار توکي ته سڄو ڏينهن اهي ئي ڳالهيون آهن، هرويرو بيزار ڪيو ٿي“. ائين چئي هن اوٻاسي ڏئي ڪنڌ ٻئي پاسي ڏانهن لاڙي ڇڏيو هيو ۽ رسولو اڃا به ائين ئي هيٺ ڪنڌ ڪيو ويٺو هيو. سنجها ڦري رات ٿي هئي ۽ هنن جا عڪس اوندهه ۾ گم ٿي ويا هيا.

ان ڏينهن کان پوءِ، راهوءَ ڪڏهن به رسولي جي سيٽين جا آواز نه ٻڌا. هن جو مستيءَ ۾ اچي ڪلهن ۾ لڪڻ ڦاسائي هلڻ نه ڏٺو. ڇپن ڇپن ۾ اها ڳالهه وڃي وڏيري جي ڪن پئي هئي ته هن جو ڌنار رسولو ماڻهن کي هن جي برخلاف ڀڙڪائي رهيو آهي. ان ڏينهن کان پوءِ وڏيرو رسولي جي ڪڍ پيو ۽ اهڙو موقعو هٿ ڪرڻ لڳو جو ان فتني کي پاڙن کان پٽي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏجي. پر رسولو ان کان اڳ ئي ڳوٺ ڇڏي هليو ويو هيو. ٻيلن ۾ وڄندڙ هن جون سيٽيون خاموش ٿي ويون هيون. ڍڳ جي ڳچين ۾ ٻڌل گهنڊڙين جا آواز بند ٿي ويا هئا ۽ هر کنهن هن کي وساري ڇڏيو هيو. پر هو راهوءَ کي اڃا به ياد هيو. هو هن جي

ٻڌايل هڪ هڪ لفظ تي غور ڪندو رهيو ۽ هاڻي هو ٻه سوچي رهيو هيو. هن جي ٻني پچي راس ٿيندي ته وڏيرو جهار جيان اچي ان تي حملو ڪندو ۽ جهٽ پٽ ۾ ان کي پيٽ ۾ سمائي ڇڏيندو. هو ان کي ڪجهه چئي به نه سگهندو، هن کي محسوس ٿيو، جيئن هو وڏيري جو زرخريد غلام هجي. هن جي زندگي پنهنجي زندگي نه هجي. جيئن هن جو وجود وڏيري لاءِ هجي. هو پنهنجو پاڻ کي اوپرو محسوس ٿيو. هن سوچيو. هن ننڍي وڏائي واري سماج ۾ زندگي جهڙي اهم شيءِ به غريبن لاءِ نه آهي، ٻين شين سان گڏ زندگي به اميرن لاءِ آهي هڪ غريب به اميرن لاءِ آهي".

هن کي ٻہر جي ڇانو ۾ سوچيندي سوچيندي سنجها ٿي وئي ۽ شفق جي لالاڻ افق ۾ جذب ٿيڻ لڳي. هن هر ڪٽي ڪلهي تي رکيو ۽ ڏاندن جي جوڙي کي ڳنڪارون ڏيندو ٻين ڪڙمين سان اچي ساڻ ٿيو. هر ڪنهن جي ڪلهي تي هر هيو، هر ڪو ٿوٽ زمين جي ٻارن مان نڪري نروار ٿيندو ويو. هر ڪو ڪلهي تي صليب جهڙو هر سجائي، پيچرن جي ڌوڙ اڏائيندڙ قافلن ۾ شامل ٿيندو ويو. راهوءَ پويان ڪنڌ ڪٽي ڏٺو. ڏور اولهه ڏي، ڦهليل شفق جي لالاڻ اڳيان ڪلهن تي صليبن جهڙا هر سجائي، ڪارا ڪارا پاڇولا، اڳتي وڌي رهيا هيا. پاڇولا، جن جي جيئرو هوندي به زندگيءَ جو وجود نه هيو پر اهي اڳتي وڌي رهيا هئا. جن جي سامهون، لهرائيندڙ ڪيت هيا ۽ انهن جي قدمن چمڻ لئي بيتاب، ڌرتي ۽ آسمان جي ميلاپ وٽ، شفق جي لالاڻ.

ناچو

هوءَ نچي ته نه پئي، پر ڪهين ٻئي ڪهين، سينگاريل اسٽيج تي رنگ برنگي ڪپڙا پائي جڏهن هوءَ شرم شرم ڪندي ماڻهن جي سامهون آئي ته هر ڪنهن جي وات مان شوڪارا نڪري ويا. پريل متناسب جسم تي اوڍيل رنگ برنگي ڪپڙا ۽ خوبصورت پريل گول منهن تي ڪنهن آديسيءَ جي راهه تي انتظار پريل اکين جيان وڇايل زيور، جن جا موتي اسٽيج

جي رنگ برنگي ٻرندڙ بلبن جي لائٽ ۾ پردي جي پٺيان بيهي ڪلي ليئا پائيندڙ شرميلي محبوب جيان چمڪي رهيا هئا.

جڏهن هن ناچ شروع ڪيو ته هر ڪنهن جي جسم مان ڄڻ ڌرڙيون نڪري ويون ماڻهو ڏندن کي زور ڏيئي، ڪرسين تي ڦٽڪي ڦٽڪي هن جي مست جسم کي ڏسڻ لڳا. سازن جي لهه وچڙ تي جڏهن هوءَ مست هرڻيءَ جيان ڇال ڏيئي ڪلي رهي هئي ته ماڻهو هن جي مٿان گهور گهور ٿي رهيا هئا. هوءَ نچي نه پئي پر ڄڻ سيني جي روح کي نچائي پئي.

وڏيري الهداد جو ته آواز ئي اٽڪيو ٿي ويو. ڪمدار رحمو جيڪو هن جي ڀرسان ئي ويٺو هيو ان کي آهستگيءَ سان چيائين، ”ٻيلي رحمو، دلڙي ته هٿن مان نڪتي ٿي وڃي، هاڻي هلاءِ ڪو حيلو“.

”ڀوتار فڪر ئي نه ڪيو، هي اسٽيج جون پتليون ته نچنديون ئي پئسي جي ڌاڳي تي آهن. هاڻي ٿو بلو ڪريان“.

”وارو ڪر پيٽان“

رئيس الهداد ٺورو ڪلندي خشڪ آواز ۾ چيو ۽ وري هو اسٽيج تي نچندڙ عورت ۾ اکيون کپائي ويهي رهيو.

شو ختم ٿيو ته رئيس الهداد به مڇ کي وڪڙ ڏيئي گهڙي پيو ان ساڳي نچڻيءَ جي ڪمري ۾. هن اتي هڪڙي خوبصورت جوان کي آئيني جي اڳيان ڦٽي ڏيندي ڏٺو. هو تمام خوبصورت هيو، رئيس سمجهيو شايد ان نچڻيءَ جو ياءُ آهي.

نوجوان جڏهن اڌ وهيءَ جي وڏي پٽڪيدار شخص کي ڪمري ۾ گهڙندو ڏٺو ته هن ٺورو ڇرڪي پٺتي نهاريو، ”ڪير آهيو توهان؟“

”اڙي يائو مان آهيان ته رئيس پر آيو هن جي تلاش ۾ آهيان“

”ڪنهن جي تلاش ۾؟“

”هن، جنهن هاڻي هاڻي تلهي تي جهمر پاتي.“

نوجوان ٺورو ڦڪو ٿي ويو.

”ڪهڙو ڪم آ تنهنجو ان ۾.“

”بس هي نوٽ پيش ڪرڻا آهن.“ رئيس ڏهن هزارن جا نوٽ ٻاهر ڪيندي چيو.

رئيس جي ڳالهه تي نوجوان ڪجهه سوچيو.

”ته پوءِ اهي تون فنڊ ۾ ڏيڻ گهرين ٿو شايد؟“

”فنڊ!“ رئيس چيو ”ڇا جو فنڊ؟“

”شايد توهان کي خبر نہ آهي تہ هي اسٽيج شو شاگردن جي ٿاهيل انقلابي پارٽيءَ جي فنڊ جمع ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هيو“.

رئيس جي نرڙ ۾ گهنج پئجي ويا.

”پر هوءَ نچڻي؟“

نوجوان ٽٽو شوڪارو ڀريو.

”اها نچڻي مان هيس رئيس صاحب. دراصل اسان کي فنڊ جي سخت لوڙ هئي، ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي لازمن مون کي ائين نچڻو پيو“.

خود غرض رئيس جون اکيون ڇڇيون ٿي نوجوان جي پروقار ڇهري جو جائزو وٺڻ لڳيون.

هڪ رات جو عذاب

جنوريءَ جون پويون تاريخون هيون. سرديءَ جو ٽڪايل سج اپ ۾ مختصر وکون کڻندو اولهہ وجي پهتو هيو. ڪونجن جا ولر وٽاٽڻ ڏانهن وري چڪا هئا ۽ هاڻي سانجهيءَ جي نيراڻ انڌيري ۾ جذب ٿيڻ لڳي هئي. وڏندڙ ٽڏ ڪري هرطرف خاموشي ڦهليل هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو اوندهہ ۾ اجرڪ جي ٻٽ هنيو، ٻيڙيءَ جا سوٽا هڻي ڪنگهندو، پنهنجي وجود جو

احساس ڏياريندي لنگهيو ٿي، نہ تہ اها ئي چپ چاپ هئي. خاموش جهنگ ۾ شاهہ جي پڙ تي پنهل جي هٽ اڳيان ٻرندڙ هيڏي شعلي وارو فانوس.

رات گهري ٿي تہ خاموشيءَ ۾ اجا بہ اضافو ٿي ويو. ٻنين ٻاهران بيٺل ٻاٽيءَ ۾ ڏيڏرن جي ٽان ٽان تيز ٿي وئي، ائين ٿي محسوس ٿيو جيئن خاموشي هڪ ڌماڪي سان ڦاٽندي ۽ اوندهہ جون ڇڳون ٽڪرا ٽڪرا ٿي پٽ تي ڇٽي پونديون. ٿڌ ڪري هر ڪو وڃي بستري پيڙو ٿيو هيو ۽ سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ ڪي ننڊ ۾ سپنن سان دور ڪري رهيو هيو.

خبر نہ پئي تہ اوچتو سمر واهہ جي ڪڙ تان بندوقن جا ٺڪاءَ ٿيا. هڪ .... ٻہ ..... ٽي .... ۽ پوءِ تہ سانده ڪيترا فئر ٿيا. سڄو ڳوٺ ڇرڪ ڀري، سوڙيون سوري جاڳي پيو. خوف ۾ سيءَ سبب هر ڪنهن جي جان مان ڌرڙيون نڪري ويون. سرڙاٽ نڪري ويا، همراهہ وارو وارو ڪندا ڪانڊيرن ڪي لتاڙيندا اڳتي وڌندا ويا، جڏهن سمر واهہ تي پهتا تہ ڏٺائون تہ ڪير اونڌي منهن ڪڙ تي جيپ ڀرسان ڌڌڙ ۾ ليٽيو پيو آهي. پهريون تہ اونڌي هئڻ ڪري سڃاتائون ڪو نہ پر پوءِ جڏهن اونڌي منهن کي سهارو ڏئي سڌو ڪيائون تہ همراهن جي زبان اچي ڏندن سان لڳي. چي "اڙي ميان هي تہ پنهنجو رئيس منٺ خان آهي".

پوءِ تہ هوءِ هوءِ ٿي وئي. ٻن همراهن ڪٽي چنگهن ڪان سهارو ڏنس باقي ٻيا جنبي ويس ٻانهن ۾ چيلهہ کي. رئيس جي ٿلهي جسم کي سهارو ڏيندا، چنگهندا سيني تي هٿ هٽندا، اچي ڳوٺ پهتا هر ڪنهن کي خبر پئي "رئيس وڏي کي گوليون لڳيون آهن.... رئيس وڏي کي گوليون لڳيون آهن"

"اڙي کهڙا هيا اهي ...... مونکي ڏس تہ ڏيو؟"

پوڙهو قادن هٽن مان پئي نڪتو ويو، جوش ۾ سڄو پئي ڏڪيو. "اڙي وڏيرو ماتو ابو.... سو بہ اسان جي تڪ ۾ زوراوري ڪري ويا...."

سڄي ڳوٺ ۾ اها خبر سيلاب وانگر ڦهلجي وئي تہ رئيس منٺ خان کي گوليون لڳيون آهن. هر ڪو ياحسين ياحسين ڪندو لوڙهن مان نڪتو ۽ اچي شاهہ جي پڙ تي گڏ ٿيو، ٻن ٽن همراهن سٽ ڏيئي پنهل جي دوڪان مان کٽ ڪڍي اتي ئي کٽي رئيس وڏي کي ليٽاياڻون، پريي مڙس قادن ڪان اهو ڪو نہ پڳو ان اتان ئي رڙ ڪئي. "اڙي ميان ههڙي پاري ۾ هن کي اتي ڇو ٿا سمهاريو. منهنجي پکي ڏي کٽي هلوس" اها ڳالهہ سيني کي دل سان لڳي. ڇئن همراهن کٽ کي ڪلهو ڏنو تہ کٽ جا چرڙاٽ ئي نڪري ويا. ڄاڻ پڳي ڙي .... ڄاڻ پڳي. سڄو ڳوٺ پوش پوش ڪندو اچي قادن جي لوڙهي ٻاهران گڏ ٿيو. رئيس وڏي جي کٽ ڪلهن تان لاهي اندر پکي ۾ رکي وئي.

پکي کي چوڌاري پترون ڏنل هيون ۽ مٿان گاهه جي ڇت، جنهن جا ڪک سياري جي هوا ۾ سرڙ سرڙ ڪري پيا ڏڪندا هيا ۽ پکي جون ڪانن واريون پترون هوا کي ڪڏهن به روڪي نه سگهنديون هيون.

گهڙي گذري ته حڪيم پيرل پنهنجي اڇي چادر ۾ ڏڪندو ڏڪندو پريان ظاهر ٿيو. هن جي اڳيان لونگ ماڇي هيو، جيڪو تيز وکون کڻندو پڻ ڏانهن وڌي رهيو هيو. ”اچو حڪيم سائين اچو“ هو رکي رکي پوئتي نهاري ٻڍي حڪيم کي چئي رهيو هيو.

حڪيم پيرل هتان ڪان ميل پري ڪوهارن جي ڳوٺ ۾ رهندو هيو پنهنجي تڪ جو هڪڙو ئي مشهور حڪيم هيو، ڏاڍو محنتي ۽ جفاڪش مجال جو اڌ رات جو به ڪنهن کي موٽائي، ڪو به چائٺ تي ويس ته اڪيلو نه موٽائيندس. اونهارو هجي يا سيارو. آنڌي هجي يا مينهن هو پنهنجي خاص اڇي چادر ۾ ضرور بيمار جي گهر پهچندو ۽ هاڻي هو رئيس وڏي جي مرهم پٽي ڪرڻ آيو هيو. رستي سان ايندي، لونگ هن کي ٻڌايو هيو ته وڏيري تي ڪوسن حملو ڪيو آهي ۽ هن کي ڪبيءُ ڄنگهه جي پاسي ۾ گولي لڳي آهي. سڄي ڄنگهه رت ۾ لال ٿي وئيس اٿس.

لونگ حڪيم پيرل کي ساڻ ڪري، قادن جي لوڙهي وٽ پهتو ته هن کي ويهارو کن همراهه مليا، جيڪي هيڏي هوڏي ڪڏهن اڳڻ ۾ ته ڪڏهن پکي ۾ پريشان ۽ بي حال ڦري رهيا هئا. مال اجان به ڪر ڪنيو رانياٽ ڪري رهيو هيو. لونگ حڪيم کي ساڻ ڪري پکي ۾ گهڙيو ته هيٺ پٽ تي ڪچن ۾ ٻار جهلي ويٺل عورتن سري پري هن کي رستو ڏنو ۽ ڳالهائڻ بند ڪري ڄڻي تي آگر رکي پهريون حڪيم کي نهاريو ۽ پوءِ رئيس جي منهن ۾ ڏٺو. جيڪو اکيون بند ڪيو، بيهوش پيو هيو.

حڪيم بسم الله پڙهي سوڙ مٿي ڪنئي ۽ رئيس جي ڄنگهه کي نهاريو. سڄي سٿڻ پاچي کان وٺي ابداٺي تائين رت سان رسجي وئي هئي. ويٺل عورتن جي دل ڪچي پکي ٿيڻ لڳي، سيني جي بدن مان سرڙاٽ نڪري ويا ”اڙي ابا.....هائي هائي“ انهن تڏا ساهه پريا، حڪيم رئيس جي پاچي کي مٿي ڇڪي ڪٽي زخم ظاهر ڪيو. گاهڻ ڇت مان چمني لاهي، ڪٽي زخم جي ويجهو آيو حڪيم زخم کي تپاسيو ۽ نرڙ ۾ گهنج وجهي، ڪيسي مان دوا جي دٻي ۽ ميرو ڪپڙو ڪڍي به چار لپريون ڻاهي ڪٽي رئيس جي زخم کي ٻڌيون. الله ڪندو ته ڀلو ٿيندو.... هن چيو ۽ ڇڪي ڪٽي سوڙ کي ٻيهر رئيس جي مٿان وجهي ڇڏيو.

گهڙي کن گذري ته رئيس به آهستي آهستي اک پٽي. هن جي پهرين نظر وڃي پکي جي ڇت تي پئي، لڙڪندڙ پلال جا تاندورا جيڪي هوا تي هيڏي هوڏي لڏي رئيس کي

ويچارا ڪڍي رهيا هئا. هن اک ٽيڏي ڪري آس پاس نهاريو پٽ تي عورتون ويٺل هيون جيڪي افسوس ۽ غم مان هن ڏانهن نهاري رهيو هيون. پرسان ئي قادن هٿ ۾ لٺ جهليو بيٺو هيو ۽ هن ڏي ائين نهاري رهيو هيو جيئن هو رئيس جي اک کلڻ جو انتظار ڪندو هجي.

”اڙي ماتو ابا رئيس هاڻي فرحت ته آهي نه...... اڙي اڪيلو سمجهي وار ڪري ويا... پرواهه نه ڪر رئيس پنهنجا همراهه به موڪليا اٿم ڪوسن جي ڪڍ پٺان نه ته پڇن ها، ڪيون ته ها ڀڄيا ڀڄيا.... اصلي فڪر ئي نه ڪر“.

قادن ڪجهه دير چپ ٿيو ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”تازو تازو همراهه ڊوڙائي حڪيم پيرل کي گهرايو هوم، سوچيم خان کي ڪجهه ته آرام ايندو نه، هاڻي فرحت ته آهي نه ابا.... پيرل حڪيم آهي معشوق“.

پريو مڙس قادن ڳالهائيندو ويو ۽ رئيس اجا پنهنجي هوش ۾ نه هيو. هن جون اکيون هر هر پاسن ڏانهن ٿي ڦريون. هن کي ماحول ڏاڍو اوپرو ٿي لڳو. رکي رکي هن کي ڇنگهه مان سور جون سٽون اڀرندي پئي محسوس ٿيون، جن ڪان هو ٻيٽو پئي ٿي ويو. هن همت ڪري آهستي آهستي هٿ وڌائي زخم کي ڇهيو. ان تي ٿلهيون ڪپڙي جون لپريون ٻڌل هيون، جن جي اندر پريل نرم نرم مرهم کي محسوس ڪري هن کي ڏاڍي ٻچان لڳي. هن جو زخم ڪري رهيو هيو جنهن ڪان هن جي بيهوشي ختم ٿي وئي ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ هن محسوس ڪيو جيئن هن جو پورو جسم ڪرندو هجي.

”پاڻي“ هن چيو.

گامڻ هڪدم هيٺ ويٺل مائين کي سوري ڪنڊ ۾ رکيل دلي مان مٽيءَ جو ڪپو پري، رئيس کي پنيان سهارو ڏئي، ٿورو اٿاري، ڪٽي وات تي رکيس، مٽيءَ جو ڪپو ۽ ڪوهه جو بدبودار پاڻي، رئيس ڪان هڪ ڍڪ به هيٺ نه لٿو ۽ هن پهرين ڍڪ سان ئي گرڙي ڪري ڪٽي سوڙ کي آلو ڪري ڇڏيو. هن ڪاوڙ مان گامڻ کي نهاريو، پنيءَ سان زور ڏئي سمهڻ جي ڪئي گامڻ هن کي سهارو ڏئي آهستي آهستي سمهاريو ۽ باقي پاڻي کي اتي ئي ڪٽ هيٺان هاري ڇڏيو.

قادن پنهنجي پر ۾ ڏاڍو ڇڪي ٿيو، هن وٽ رئيس کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪو نه هيو، هن وٽ سٺو برتن به ڪو نه هيو، جنهن سان هو پاڻي آڇي رئيس جي دل خوش ڪري سگهي. رئيس کي جيئن جيئن هوش ايندو ويو تيئن تيئن هن جو زخم پهريون ڪان به وڌيڪ ڪرڻ لڳو. هن دل ئي دل ۾ حڪيم پيرل کي گار وهائي ڪڍي پيٽسان ڪتي جو پچ

زخم تي مرهم رکي ويو آ. ڪن زهر ڀرڪي ويو آ. رئيس ڪان رهيو نہ ٿيو ۽ هن اکيون مٿي ڪري قادن ڪان پڇيو.

”مان واري ڳوٺ ماڻهو موڪليو اٿو نہ؟“

”هائو هائو سائين.... اهي تہ همراهہ پڳا بہ وڃي.... ابا هي بہ تہ پنهنجو پڪو ٿي... دل جاءِ ڪر“، قادن قرب مان ڳالهائيندي ٿورو ٿورو ڏڪيو بہ ٿي.

رئيس منڻ خان ڪي مٿان پاتل سوڙ مان بدبوءِ اچي رهي هئي هن ٿورو ڪنڌ ورائي هيٺان رکيل وهاڻي کي نهاريو. ميرو اصلي صفا ڪارو، جنهن تي تيل جي سٽپ ڪري، مٿيءَ چڪا ڄميل هئا. رئيس ڪي الٽي ايندي ايندي سيني ۾ اٽڪي پئي.

”اڙي ماتو سڃي جا پٽ گهر ۾ ڪا سٺي سوڙ بہ نہ هيئي جو هيءَ منهنجي مٿان وڌي اٿئي. اڙي هي وهاڻو تہ ڏس اچئي ٿو شرم“.

رئيس کي اهڙي ڪاوڙ آئي جو زخم مان اٿندڙ سور ئي وسري ويس. آواز ٿلهو ٿي ويس جهڙو ڀڪر. هيڊو منهن ڳاڙهو ٿي ويس لال. قادن رئيس جا اکر ٻڌي پيرن تائين ڏکي ويو. هن اڳڻ ۾ وڃي زوار کي سڏ ڪيو. زوار ٻيڙيءَ جا سوٽا هڻندو تيز تيز وکون کڻندون هن وٽ اچي پهتو.

”جي پريا مڙس“.

”اڙي ابا تو وٽ ڪا سوڙڙي آهي، رئيس کي ميري سوڙ ڏيندي تہ پاڻ کي شرم ٿو اچي. تو وٽ ڪا چڱيرڙي آهي تہ کنيو آ“.

قادن وات تي هٿ رکي زوريءَ کنگهيو. زوار اجهو اجهو ڪندو لوڙهي جو در ٽپي پڙ ڏانهن وڌيو تہ قادن پويان رڙ ڪيس ”ايڏانهن ڪو سٺو وهاڻو بہ کنيو اچجانءِ“.

”هائو هائو“ زوار چيو ۽ پوءِ هو چاندوڪيءَ ۾ اوجهل ٿي ويو. جهوپي ڪان ٻاهر سم ۽ پوک لاءِ ڳڌ ڪيل پاڻيءَ جا ڍٻا هيا جن تي سدائين مڇرن جا ٽولا پيا پون پون ڪندا هيا. سڄي ڳوٺ جي گندگي بہ انهيءَ پوسل ۾ اچي پوندي هئي. ڳڌ ٿيل ڪاري پاڻيءَ مان سدائين بدبوءِ پئي ايندي هئي، جنهن سان ڳوٺ جا ماڻهو هيراڪ ٿي ويا هيا، ڍنڍن جي آس پاس پيل گند ڪچرو ۽ بدبوءِ ڳوٺ وارن کي ڪو نہ آزاريندي هئي. هو بہ مڇرن جيان گندگيءَ مان ڦٽي نڪتا هئا. مڇرن جي ڏنگن جي هنن لاءِ ڪا بہ حيثيت ڪو نہ هئي پر اهي سڀ شيون رئيس لاءِ نيون هيون. پکي جو گهٽيل ماحول، اتي رکيل دلن مان پيدا ٿيندڙ چيڪڙ جو احساس، ٻاهر اڳڻ ۾ ٻيٺل مال جون رانيون ۽ گندگيءَ مان اٿندڙ بدبوءِ. مڇرن جا ولر، جيڪي پون پون ڪندا گهر گهر ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڀٽڪي رهيا هيا ۽ پکي ۾ ڀرندڙ هيڊي

شعلي واري بتيءَ جي اڻپوري روشني، جنهن کان رئيس کي گهڻ محسوس ٿي رهي هئي، هو ته انهن سيني شين کان ڏور ڇايو هيو، جتي چمڪ ئي چمڪ هئي. روشني ئي روشني هئي. صفائي ئي صفائي هئي. هن کي کهڙي خبر ته بدبوءِ ڇا ٿيندي آهي، ککائن جهوپن ۾ راتيون ڪيئن بسر ٿينديون آهن. بدبودار بسترن ۾ سک جا سپنا ڪيئن ڏسبا آهن ۽ وڏي ڳالهه اها ته ڦاٽل ۽ ميرن ڪپڙن ۾ ويڪيل مفلس انسانن سان زندگيءَ جون گهڙيون ڪيئن گذاريون آهن. هو صاف سٿرن هوادار بنگلن جو هيراڪ هيو، هن کي کهڙي خبر ته مڇرن جا ولر انسانن تي حملو ڪيئن ڪندا آهن. زخم ڪائڻ کان پوءِ حڪيم جي لپرين تي ڦٽ ڪيئن ڻرندا آهن. رئيس عذاب ۾ ڦتڪندو رهيو.

زوار گهران سوڙ ۽ وهاڻو کڻي آيو، پر رئيس جو اجا به بدبوءِ کان مٿو ڦاٽو ٿي ويو. هن کي مڇر ڏنگي رهيا هيا. هن جي آس پاس ڀون ڀون ڪري، هن کي ستائي رهيا هيا. ڀوسٽ وڌندو ويو ۽ هن کان رهيو نه ٿيو نيٺ هن قادن کي چيو ”مون کي اسپتال ڪڻائي هلو“.

قادن صفا ڪکو وکو ٿي ويو.

”اڙي صدقي وڃانءِ رئيس اسپتال ته هتان ڏهه ميل پري آهي، جي چوين ته تيار ڪرايون ڏاند، پوءِ الهه واهي جڏهن گاڏي پهتي“.

رئيس جو پارو چڙهي ويو ۽ هن ڳالهه ورائيندي چيو ”اڙي اجا ڪو نه پهتا منهنجي گهر وارا؟“

”بس سائين اجهو ڪي اجهو آيا“. قادن چيو ۽ پوءِ هن روئڻ هارکي آواز ۾ چيو ”چورن چنڊن کي ته سوير ئي موڪليو هوم... الائي ڪاڏي گم ٿي ويا“.

گهڙي کن ماٺ ٿي.

”ٺاڻي تي رپورٽ داخل ڪئي اٿو؟“ رئيس هڪ دفعو وري ڳالهايو.

”سائين ٺاڻو ته ٻارهن ميل پري آ. ڇا ڪجي؟“ پريو مڙس قادن ڏک ۾ ذري گهڻ روئي پيو.

سياري جي قيامت جيڏي رات آهستي آهستي لڙندي وئي. چانڊوڪي وقت سان گڏ گهري ٿي وئي. ڊين مان لنگهندڙ پيڇرا وڏيڪ ڇٽا ٿي ويا. شاهه جي پڙ تي هاڻي ڪو به همراهه نه هيو، سڀ آهستي آهستي ٽڙي پکڙي ويا هيا. ڪي گهرن ڏي وڃي ستا هيا ته ڪي اجا به پريي مڙس جي اڱڻ ۾ ٽولو ٺاهي ويٺا ڪچهري ڪري رهيا هئا. پڙ تي فانوس اجا به ٻري رهيو هو. هر طرف سانت ڇانيل هئي ۽ انهيءَ سانت کي چيريندڙ، تڏن جي ڪرڙڪت

ڪرڙڪٽ ۽ ڏيڏرن جي ٽان ٽان.

وقت سان گڏ رئيس وڏي جي حالت خراب ٿيندي وئي. هن جو من پيو چاهي تہ هو اتي پڄي وڃي. مونجهہ کان هن جو اندر ڦاٽو ٿي ويو.

قادن تڙ تڪڙ ۾ رئيس لاءِ ماني بہ تيار ڪرائي هئي، شابس هجي ويچاري زوار کي جنهن اڌرات جو ننهن کي تڪليف ڏئي، رئيس لاءِ جوئر جي ماني تيار ڪرائي هئي ۽ ڪير ڏهايو هيو. پر رئيس پنڊيءَ کي لامارو ڏئي هڪ ڏنو. ڪير جي لوٽيءَ سوڌو ماني بہ وڃي پري پئي.

”اڙي ڪتي جا پٽ، اسان وري جوئر جي ماني کائيندا آهيون، آچيندي شرم بہ نہ ٿو اچئي؟“

قادن ويچارو جيڪو پهريون ئي ڏڪيو پئي، ان جي وات مان تہ هڪ اکر بہ نہ نڪتو، ويچارو صفا چپ ٿي رئيس اڳيان ڪنڌ جهڪائي بيهي رهيو.

بدبوءِ کان رئيس کي التيون اچڻ لڳي، هن رکي رکي ڏاڪيو ٿي. هن کي پنهنجي آس پاس بيٺل ماڻهن مان بڇان ٿي آئي. مڇرن هن جي منهن جا ريپٽ لاهي ڇڏيا هيا. آس پاس ڦهليل گندگيءَ ڪري هن جو مٿو ڦاٽڻ لڳو هو، هو ڏاڪيندو رهيو. هن وڏي آواز ۾ رڙيون ڪري پريي مڙس کي گاريون ڏيڻ شروع ڪري ڏنيون. ”تنهنجي ماءُ کي..... تنهنجي پيڻ کي.....تنهنجي زال کي.....“

قادن ويچارو ڏڪي ويو. ڇڙو پيو ابا ابا ڪري نيٺ رئيس وقلي وقلي بيهوش ٿي ويو ۽ قادن اکين مان ڳوڙها اگهي سوڙ سوري هن جي مٿان وجهي ڇڏي.

الله الله ڪري اسر ٿيو تہ ڪڪڙن بہ دس هنيا، رئيس وڏي جي ڳوٺ وارا جيپ کاهيو، واويلا ڪندا پهچي ويا. هيڏيون ڪيلي جي ڦرهي جيڏيون مچون ۽ گول مٿول ڳنا. هر ڪو نرڙ ۾ گهنج وجهي ٽپو ڏئي جيپ مان لٿو ۽ پرين مڙس جي پڪي ۾ گهڙي ويو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ جيپ ڳوٺ جي سوڙهن پيچرن تان ترڪندي، وٽن جي ٽارين سان گسندي، سر واهہ جي ڪپر ڏانهن گم ٿي وئي.

ان ڳالهہ کي ڪيترا مهينا گذري ويا. رئيس منڻ خان چڱو ڀلو ٿي ويو. هو هاڻي خير سان گهمندو ڦرندو بہ هيو. پريو مڙس قادن ۽ ٻيا ڳوٺ وارا خوش هيا تہ هنن پنهنجي وت آهر ڏکي وقت رئيس منڻ خان جي چڱي خدمت چاڪري ڪئي. آئي وئي کان پئي خان جا پار پتا پڇندا هيا. ”ڏي خبر پائو....هاڻي رئيس منڻ خان خوش آ.... چڱو ڀلو، الهہ خوش رکيس“.

وقت گذريو تہ هڪ ڏينهن رئيس منٺ خان جي جيپ اچي ڳوٺ جي ٻاهران رڪي. هن جي پرسان چار پنج همراهہ دونالي بندوقن کي ڪڇ ۾ سوگهو جهليو مڇون وٽي رهيا هيا. رئيس منٺ خان ڏاڍو ٽڪل هيو. پلئہ ڪرڻ لاءِ ڪوسن کي ڳوليندي ڳوليندي هڪ دفعو وري اچي ان ننڍڙي ڳوٺ پرسان پهتو هيو. ساڳيا جهوپا، سم ۽ پوسل، گندگيءَ جا ڍير ۽ ميرا ماٺهو سانجهيءَ جو ٽائيم هيو ۽ شاهہ جي پڙ تي پنهل جي هٽ اڳيان شيشن وارو فانوسو هميشہ جيان پئي ٻريو. رئيس منٺ خان پنهنجي ڏڏڙيل مڇن جي وارن کي وٽيو ۽ پوءِ ڪجهہ سوچيندي جيپ ۾ ويٺل همراهن کي اشارو ڏنو ”اڙي ڏيو انهن جهوپن کي باهہ“

”پر سائين انهن تہ توهان کي ڏکئي وقت ۾ پناهہ ڏني هئي“.

رئيس جي انگ انگ مان ڌرڙيون نڪري ويون بدبوءِ، گندگي، مڇرن جا ڏنگ، حڪيم جي لپري، جوئر جي ماني، بستري جي ڏپ، ميرا انسان ۽ مونجهہ ئي مونجهہ.

”اڙي ٻڌو نہ ٿا ڪمينءِ ڏيو جهوپن کي باهہ“.

ٻہ چار همراهہ بندوقون سڌيون ڪري، لانگ ورائي جيپ مان لٿا ۽ هوائي فئر ڪندا، ڪاهي پيا ڳوٺ ۾. جهٽ پلڪ ۾ هيڏا هيڏا شعلا بلندا ٿيا ۽ پوءِ سڄو ڳوٺ ٻرڻ لڳو. هوءِ هوءِ ٿي وئي. ٻچ ٻڪ لڳي وئي. وارو ڙي وارو. همراهہ ساڳيا ئي هوائي فئر ڪندا اچي واپس جيپ ۾ ويٺا. رئيس ٽٽو ساهہ ڪٽي مرڪيو جيئن هن ڪوسن سان پلئہ ڪيو هجي.

بارش ڪانپوءِ

ان ڏينهن نظرن اڳيان ڌنڌ هيو. آڪاش مان هڪ ٻئي پنيان ڪرندڙ پاڻيءَ جي بوندن هر شيءِ کي ڌنڌلڪو ڪري ڇڏيو هيو. ڏاند گاڏين ۾ پيل پوري پلال تي پاڻيءَ جون بوندون وسي ٻئي پاسي کان ريلا ڪري ٿي وهيون ۽ ان جا ڦيٿا اڌ تائين ڪچي مٽيءَ جي گاري ۾ هيٺ تي لٿا ويا، چيڪڙ سان ڀريل گول ڦيٿا، جن جي تيزيءَ سان هلڻ ڪري گهاٽيءَ مٽيءَ جون ڦينگون اڏامي پري ٿي وڃي ڪريون. ڏاند هيا جو تراين مان ڇپ ڇپ ڪري ڊوڙندا ٿي ويا ۽ هر ڪا شيءِ ڌوتل هئي. ساون وڻن کان وٺي ويندي ولين جي مقبرن ۽ ڪتبن تائين جن جي ڪڏڙن ۾ ڪبوتر پرن ۾ منهن هنيو ويٺا هيا. گاڏير وسڪاري جو واس وٺي رهيا هيا، انهن پاڻ کي اجرڪن ۾ ويڙهي ڇڏيو هيو، ٻيو پاڻي هيو جو ٽڙڪاٽ ڪندو انهن

جي اجرڪن کي آلو ڪندو، ململ جي قميص مان لنگھيندو، انهن کي وهنجاري رهيو هيو. هو سرديءَ کان ڪرنگھي ۾ اٽندڙ ڏرڙين مان لطف وٺي رهيا هيا. هو ڳائي رهيا هئا، هر شيءِ کان بي خود، انهن جي آوازن ۾ڪا به خوف جي لرزش نه هئي، ان ۾ مستي سمايل هئي، جنهن انهن جي آوازن جي گونج کي ڦهلائي ڇڏيو هيو. ائين ٿي لڳو ڄڻ اهي ڇپ آهن ۽ انهن جي اندر ۾ ڪو آهي جيڪو وادين جي آلاڻ ۾ پاڻ به گھلڻ ٿو چاهي. ٻوڙندڙ ڏاندن جي ڇڪ ڪان گپ ۾ پيهجي اڳتي وڌندڙ ڏاند گاڏين جي ڦيٽن مان چرڙاٽ ٿي نڪتا، جيڪي مينهن جي گوڙ گمسان ۾ ڌڌڪن ۾ دٻيل هوندي به منفرد هيا.

اچ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪيائين،
منڌائتي مينهن جي، رت نه روڪيائين،
پلر پلٽيائين، سانگين گھٽا سڪ ٿيا.

۽ هو ڳائيندا ويا هڪ ٻئي پٺيان ڪرندڙ بوندن جي لڙاٽ پويان ڏور ٿيندا تمام ڏور......

اڏروٺ علي نواز بلوچ جي گھر ۾ ٻيو ڪجھ به نه هيو، سواءِ هن جي زال ۽ ٻن ٻارن جي، جن مان هڪ ڌيءَ هئي ۽ ٻيو پنجن سالن جو پٽ. جنهن جا ڦاٽل ڪپڙا مينهن ڪري آلا ٿي ويا هيا ۽ هو ٿڌ ڪان ڏڪي رهيو هيو، پر هن کي ڪا به پرواهه نه هئي، هو سرديءَ کان ڏڪندي به پنهنجي شرارتن کان نه ٿي مڙيو. هن هر هر ستن سالن جي لاليءَ کي تنگ ٿي ڪيو، هروڀرو به هن غريب تي رعب ٿي ويهاريو. لاليءَ جھوپي جي ڇت مان ٽمندڙ پاڻيءَ جي بوندن سان آلي ٿيل ڌرتيءَ مان مٽي ٿي پٽي، جنهن تي ماڻس چڙٻيو ٿي. پر ڊڊو هيو جو هن جا مٽيءَ مان ٺاهيل سڀ رانديڪا ڊاهيو هر هر ڀڳو ٿي ويو. لاليءَ دانهن ڪري ماءَ کي ٿي سڏيو ۽ ماڻس ڊڊوءَ کي ڇڙٻڻ بدران الٽو لاليءَ کي ٿي ڳالهايو، ”مان ٿي چوانءِ گوڙ نه ڪر“ ۽ پوءِ هن نڪتل مٽيءَ ڪري ٺهيل ڪٻڙي ڏانهن هن جو ڌيان ڇڪائيندي ٿي چيو، ”هو ڏس ڪونيءَ ۾ ڪيڏو پاڻي گڏ ٿي ويو آهي.....اچي پٽهين ته ٻڌايانس ٿي“.

ماءُ جون ڇڀيون ٻڌي ويچاري لالي هر هر وسامي ٿي وئي. وسندڙ مينهن ماڻس کي ڇتو ڪري ڇڏيو هيو. ڇت هئي جو ٽمڻ بند ئي نه پئي ڪيو ۽ مينهن گذريل ٻن پهرن کان ساڳي رفتار سان پئي وسيو. هوا بند هئي ۽ وڻ ائين بي جان محسوس ٿي رهيا هئا جيئن گوتم اکيون ٻوٽيون ڌيان ۾ گم هجي ۽ هن کي ڪنهن به مينهن يا طوفان جي پرواهه نه هجي. ٻارين جا ٻنا پسي پلپلا ٿي ويا هيا ۽ ٻنين ۾ ڇڳو پاڻي دٻا ٺاهيو بيٺو هيو. علي نواز بلوچ جو گھر به انهن ئي ٻنين جي وچ ۾ اوڏڪين پٽين جي ڪمزور ڪلهن تي رکيل

جهوپو هيو ۽ اڳيان اگهاڙو اڱڻ جنهن جون حدون ٽوها ۽ ڪانديرا هيا، جيڪي مينهن جي بوندن هيٺان ڌوپجي صفا سانورا ٿي ويا هئا ۽ پورو لوڙهو ائين ٿي لڳو جيئن ڪاري بدن وارو وحشي اڪيون ڀوڻي پيو هجي ۽ وسندڙ مينهن ۾ وهنجندو هجي.

لالي اجا به مٽيءَ سان پئي ڪيڏي ۽ ڊوڊوءَ هن کي هر هر تنگ ٿي ڪيو، ڇت مان ساڳيءَ ريت پاڻي پئي ٽميو، جنهن جي رفتار ۾ تيزي اچي وئي هئي. هاڻي ڇت مٿان جهڪيل ٻڙ جون اهي لامون به بي سڌ ٿي نظر آون، جيڪي جهوپي جي ٻئي هنڌ تائين پنهنجون ٻانهون پکيڙيون بيٺيون هيون، پري کان انهن ٽارين جي وچ ۾ بيٺل جهوپڙي ائين نظر ايندي هئي، جيئن ٻڙ جيڏو مضبوط بلند خدا پنهنجو هٿ ڊگهيڙي جهوپڙيءَ جهڙي ڪمزور ۽ سجدي ۾ پيل هيٺي انسان مٿان ڇانو ڪندو هجي. وقت گذرندو ويو ۽ مينهن وڌندو ويو، ٽپهري وهنجي ته سانجهيءَ به وهنجڻ لاءِ وار ڇوڙيا.

علي نواز بلوچ اڄ وقت کان پهرين ئي گهر وري پيو هيو، هنجي ڪلهي تي هميشه جيان ڪوڏر رکيل هئي، پر اڄ هن ململ جي قميص لاهي، نيپوڙي هٿ ۾ ڪنئي هئي. باقي پوتڙو هيو، جيڪو هن کي گوڏن تائين ٻڌل هيو، جنهن مان پاڻي جون بوندون پئي ڳڙيون ۽ هيٺ هن جي پنين تائين گپ سان پريل ڄنگهن ۾ جذب ٿي ٿي ويون. پوتڙو آلو هجڻ ڪري هن جي بدن سان چهٽي پيو هيو، جنهن ڪري هن جو انگ انگ صاف ظاهر ٿي رهيو هيو. سيني ۽ بدن جا وار وسندڙ پاڻيءَ ڪري بدن سان ڄمي پينگهي ۾ سمهيل ٻار جيئن سانت هيا. مڇون هيٺ جهڪيل هيون ۽ مٿي جا وار ڳنڍيا ڳنڍيا، جن هنجي ڪنن کي ڍڪي ڇڏيو هيو، هو جهوپي ۾ گهريو ته اڱڻ ۾ اجان به نم جون اهي ڏانديون اتي ئي پون هيون، جن کي هن صبح ڏنڊڻ پيجي اڇلايو هيو، ڪچڙن ڳاڙهسري گونچن واريون ٽاريون جن جي چوٽين جا سرا هن کي ڏاڍا پيلا ٿي معلوم ٿيا. هو اندر گهريو ته هن جي گپ هاڻن آلن پيرن ڌرتيءَ تي هن جي قدمن جو ڪو به نشان نه ڇاهيو، ڇو جو ڌرتي به هن جي پيرن جيان آلي هئي.

هن کي ڏسي لاليءَ اڇل ڏني ۽ پنهنجن مٽيءَ هاڻن هٿن سان هن کي وچي چنبڙي علي نواز هن کي ڪنيو ۽ ڳل تي چمي ڏني. لاليءَ جي جڄ دل وڏي ٿي وئي، هن ٽٽو ساهه ڪڍي پيءُ کي ڊوڊوءَ جي شڪايت ڪئي. ”بابا ڊوڊوءَ نه منهنجا سڀ رانديڪا پيجي ڇڏيا“. هن جي منهن ۾ ويچارگي اچي وئي، جيڪا ان وقت هر ٻار جي منهن ۾ اچي ويندي آهي. ڇو جو پيار ملڻ سان انهن جي من جي چلولائي پاڻيءَ جيان رجي انهن جي من کي پري ڇڏيندي آهي. علي نواز منهن ۾ گهنج وجهي پٽ کي ڇڙٻيو. پر ڊوڊو هن اڳيان سينو ساهي بيهي

رهيو، ”نه مڙندم ڇا ڪندين“ هن چيو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ اپاڻڪو ٿي پيءُ ڏانهن نهارڻ لڳو، پر پٽس ڪو خاص ڌيان نه ڏنو. هن لاليءَ کي هيٺ لاهي گلان ڏانهن نهاريو، جيڪا جهوپڙيءَ جي ڪنڊ ۾ بيهي هن ڏانهن نهاري رهي هئي، جتي مينهن کان ڪجهه نه ڪجهه بچاءُ ۽ ڇت مٿان سڻي نموني لنبيل هئي، پر هيٺيان ڊرتي آلي هئي، جو پاڻي اوڏڪي پٽ جي پاڙ مان سمي جهوپڙي ۾ ننڍا ننڍا دبا ٺاهي رهيو هيو. ”گهر ۾ پچائڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي؟“ علي نواز پڇيو ۽ گلان ڊرتيءَ ڏانهن نهاريو.

”هتي ته باهه ٻارڻ جي جاءِ نه آهي“ هن چيو

علي نواز ٻهريون دفعو ڇڻ جهوپڙي ۾ نظر ڦيرائي نهاريو. ڇيڪڙ سان پريل ڪچي زمين ۽ پاٽيءَ ۾ پسيل هر ڪا شيءِ پاٽاريءَ تي رکيل بسترا پاڻيءَ جي وزن کان سسي ويا هئا ۽ پکي جي وچ ۾ بيٺل پنجر جي ٻانهيءَ ۾ ٽنگيل ديڳڙيون ۽ لوٽا ائين ٿي محسوس ٿيا، جيئن اس ۾ ڪم ڪندڙ مزدور ٽڪ پٽڻ لاءِ ڪجهه منٽ ڪر پڳا هجن ۽ ان جي جسم تي پگهر جون هلڪيون هلڪيون بوندون چمڪنديون هجن. پوريءَ جهوپڙيءَ ۾ پلال گاڏڙ مٽيءَ جي هلڪي خوشبوءِ سمايل هئي، جيڪا ڦهلجندڙ اوندهه ۾ ڏاڍي عجيب ٿي لڳي.

وقت گذريو ته مينهن سان گڏ هنن جي خوف ۾ به اضافو ٿي ويو. خاص ڪري گلان جيڪا اندر ئي اندر ۾ پڄري بخيل ٿي پئي هئي. هوءَ ٻارن کي هر هر ڇٽيي جهوپڙيءَ جي ان پاسي ڏانهن ڇڪي رهي هئي، جيڪو ٽمندڙ ڇت جي مصيبت کان محفوظ هيو، پر ٻار مينهن مان مزو وٺي رهيا هيا. هو هر هر پاڻ ۾ وڙهيا ٿي ۽ وري پرچي ڪيڏيا ٿي. علي نواز کوڏر سان اوڏڪين پٽين جي پاڙن ۾ مٽيءَ جا لپا ڏئي انهن کي سهارو ڏئي رهيو هيو، پر مٽي اتي ڄمي ئي نه پئي، ائين ٿي لڳو ڄڻ هو ضدي ٻار جهڙين پٽين کي جتن ڪري پرچائي رهيو هيو، پر ڳوڙها هيا جيڪي قطارن جي صورت ۾ انهن تان ترڪيا ٿي ويا ۽ وهندي وهندي انهن جي پاڙن ۾ پيل مٽيءَ جي لپن کي به لوڙهيو ٿي ويا. علي نواز جي محنت جو ايترو ڦل ضرور ٿيو ته هاڻي پاڻي آسانيءَ سان اوڏڪين پٽين مان رسجي اندر نه ٿي آيو. هو مسلسل ڊرتي کوٽي انهن جي پاڙن کي سهارو ڏيندو رهيو. انڌيري ۾ وڄ چمڪڻ شروع ڪري ڏنو هيو ۽ گاج سان گڏ هن کي پنهنجي اگهاڙي پٺيءَ تي ڪرندڙ بوندن جا ٽڙڪا ائين ٿي محسوس ٿيا، جيئن جهوپڙي مٿان بيٺل ٻڙ جي ٽارين مان پاڻي جي ٻار ڪان ٺڪاءُ نڪرندا هجن ۽ اهي ڏار ڪرندا محسوس ٿيندا هجن.

گلان ڏاڍي فڪر مند ٿي وئي هئي. هن کي اوپر واري جاري مان سڀ ڪجهه نظر اچي رهيو هيو. سانجهيءَ جي لاش کي وهنجاريندڙ بوندون ۽ نيريءَ وچ جا چمڪاٽ، جيڪي

آسمان ۾ نڪائڻ سان گڏ پيدا ٿي هڪ چيڙي ڪان ٻئي چيڙي تائين پکڙجي ويا ۽ انهن چمڪاٽن جي روشنيءَ ۾ پري پري تائين بيٺل وڻ، جيڪي جڻ پنهنجي ساول وڃائي ويٺا هيا ۽ انهن ۾ موت جهڙي نيراڻ پرجي وئي هئي. هوءَ وچ جي روشنيءَ ۾ انهن پاڻي سان ٽٻ لاهين ۽ ترائين ڪي ڏسي رهي هئي، جن ۾ مينهن جون بوندون ڏڙڪڻ جا آواز پيدا ڪري ڦوٽا ناهي رهيون هيون، جن مان ڪجهه ڦاٽي رهيا هيا ۽ ڪجهه ٺهي رهيا هيا.

هيءَ ايڏو مينهن ته ڪو نه هيو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ان ڪان به وڏيڪ خطرناڪ مينهن ڏٺا هيا، پر پوءِ به هوءَ دلگير ٿي وئي هئي. هن کي رکي رکي ٻارن جو خيال ٿي آيو، جيڪي ٿمندڙ چٽ هيٺان لاپرواهي سان کيڏي رهيا هيا. هوءَ پوريءَ طرح انهن ڏانهن متوجهه ٿي وئي ۽ هن پنهنجي ليکي اکيون ٻوٽي پٽڪيو. هوءَ خدا ۽ رسول جا نالا وٺي انهن کي ياد ڪرڻ لڳي.

ڊڊوءَ ماءَ جي ال ڪئي. ”الا سائين...... ڪلا سائين...... ملا سائين........“ ۽ پوءِ هو ٺهڪ ڏئي کلي پيو.

”چپ ذليل“ ماڻس زور سان چيو ۽ لالي ڳاڙهي ٿي رعب ويهارڻ لاءِ ٻانهون کنجي هن تي چڙهي آئي.

”حرامي...... ڪافر .... الاهه جي نالي...... تنهنجو من وڏي ويو آ“.

هن جيئن ئي ڊڊوءَ کي پکڙي ڏک هٽڻ جي ڪوشش ڪئي، ڊڊوءَ اڳ ۾ ئي هن کي منهن واري چماٽ وهائي ڪڍي ۽ هوءَ ڊاڍيون ڪري روئي پئي. لاليءَ کي روئندو ڏسي ماڻس هن کي ڪنڌ ۾ چکي ورتو ۽ ڊڊوءَ ڏانهن ڪاوڙ ۾ نهاري، هن کي پرچائڻ لڳي.

هر طرف سانت لڳي پئي هئي، جڻ وڏندڙ انڌيرو هر گوڙ کي ڇهي وڏيڪ ڪارو ٿي ويو هيو. هاڻي ته مٿان ڪان هيٺ ڪرندڙ بوندو به نه ڏسجي رهيون هيون، سواءِ ان وقت جي جڏهن وچ چمڪي ٿي ۽ ان ۾ نيريون پيليون ڦينگون هڪٻئي پٺيان هيٺ اينديون ٿي نظر آيون، نه ته انهن جا ٽڙڪا پئي ٻڌا ۽ ٻيو گاج جو شور، جيڪو هڪ وڏي ڌماڪي سان ڦهلجي آسمان جي ٻئي ڪنڌ تائين ٻڪندو جهڪو ٿيندو ٿي ويو، جيئن ڪنهن کي عذاب پهچائي. هن جي وات تي هٿ ڏئي، هن جي بلند ٿيندڙ رڙ کي روڪي جهڪو ڪيو وڃي. علي نواز جهوپڙيءَ ۾ ويٺو سهڪي رهيو هيو. هن جون ڇنگهون ڦهليل ۽ وات ڪليل هيو. هن بدن کي ٻانهن جي سهاري ڇڏي ڏنو هيو، جيڪي هن جي پٺيءَ ڪان وريل ۽ چنبن پر ڏرتيءَ تي ڪتل هيون، جهوپي ۾ ٻرندڙ چمني جي روشنيءَ ۾ هن جي بدن تان ڳڙندڙ پاڻي هڪ پاسي ڪان هيڊو ٿي نظر آيو ۽ ٻي ڪان ڏنڏلڪو. ٻارن کي هاڻي بک به لڳڻ شروع ٿي

وئي هئي، هو هر هر مٿو کڻي، ڪڙين ڪي زور سان ڏرتي تي هڻي ماءُ ڪي روئي مانيءَ لاءِ چئي رهيا هيا، ماڻس هر هر انهن جي ڪاڏين تي هٿ ڦيري دلاسو ٿي ڏنو ۽ علي نواز ڏي ٿي ڏنو، جيڪو ائين ئي ويٺو اکيون ٻوٽي سهڪي رهيو هيو.

”اڙي مينهن بند ٿي ته ماني پچايون ٿا“ هن ويٺي ويٺي ٿڪيل آواز ۾ چيو ”اڙي ميان آهي ته خير“

۽ جهوپي ۾ خاموشي ڦهلجي وئي، جنهن ۾ ڇت مان ڳڙندڙ بوندن جا آواز، جهنگ ۾ ٽان ٽان ڪندڙ ڏيڏرن جي آواز سان مشابهت رکي رهيا هيا.

”اڄ ته مينهن بند ٿيڻ جو نالو ئي نه ٿو وٺي“ گلان چيو، ”خدا خير ڪري.... ڀتين جون پاڙون ئي ڳري ويون آهن.“ هن سوچيو جيڪر هي جهوپو ڇڏي ڪنهن ٻيءَ جڳهه تي پناهه وٺجي، پر هر طرف پاڻي پاڻي هيو. وڄ جي روشنيءَ ۾ نظر جي حد ڪان شروع ٿي ٻيءَ حد تائين وٽن جون پاڙون به پاڻيءَ ۾ ٻڏل ٿي نظر آيون. هر طرف پاڻيءَ مان ٺهندڙ ۽ ڦاٽندڙ ڦوٽا هيا، ائين ٿي لڳو جڻ پوري ڌرتيءَ ڪي ماتا نڪتي هجي ۽ هوءَ عذاب ڪان دانهيندي هجي. علي نواز گلان جي ڳالهه تي ڪو به ڌيان نه ڏئي رهيو هيو. مينهن ۾ سڄو ڏينهن ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ جي ٿڪاوٽ ۽ ڀتين جي پاڙن ڪي سهارو ڏيڻ جي تڪليف ڪري هن جو سنڌ سنڌ ڏکي رهيو هيو. هن ڪي گلان جي ڪا به ڳالهه نه ٿي وڻي، هو مينهن ڪان بي فڪر هيو، آخر هو سوچي به ته ان مصيبت تي ڇو سوچي. آخر هو ڪري به ڇا پيو سگهي. هنن جي ته حياتي ئي انهن ڪچن جهوپن ۾ بسر ٿي هئي. انهن جي پناهه لاءِ هيا ته اهي ئي جهوپا جيڪي پنهنجي ڪمزور ڪچين ٻانهن تي وزني تگارين جهڙين ڇتين ڪي جهليو بيٺا هيا، علي نواز سمهڻ پيو چاهي ۽ هن ڪي ننڊ جا جهوٽا اچڻ لڳا، ٻار پهريون ڪان به وڏيڪ بي چين ٿي ويا هيا ۽ گلان پنهنجون آڱريون مهٽيندي رهي.

رات جي ٻئي پهر جڏهن گلان ڪنڌ ۾ پنهنجي ٻنهي ٻارن ڪي ڪڇ ۾ لڪائي، انهن جي وارن ۾ هٿ ڦيري رهي هئي ۽ ٻئي ننڍا ٻار پنهنجي آلن ڪپڙن ۽ مٽيءَ هاڻن هٿن سان هن جي ڪڇ ۾ اکيون ٻوٽيو ستا پيا هيا ته اوچتو ڀتيون هيٺ جهڪنديون ويون. علي نواز جهوپي ۾ سڌو ٿيو سمهيو پيو هيو، هن جي پيشانيءَ ۾ گهنج هيا، پوءِ به هن جي ساهن کڻڻ جي سلسلي مان ائين ٿي لڳو جيئن هن ڪي ڪو به فڪر ڪو نه هجي، جيئن چوندو هجي، آخر ڪري به ڇا ٿو سگهجي؟ ڇت هيٺ جهڪندي وئي، پوءِ اوڏڪين ڀتين هڪ ٿلهي سوڙ جيان انهن جي وجود ڪي مينهن جي بوندن ڪان بچائي ورتو. جهوپي مان ڪا به دانهن بلند نه ٿي پر ڀتين ۽ ڇت جي ڪرڻ سان دبڪو ضرور پيدا ٿيو، جيڪو پوءِ دهلجي ويو.

هيٺ ڪريل ڍير مان مٽي دونهي وانگر مٿي بلند ٿي اڏامڻ جي ڪئي پر لڳاتار ڪرندڙ مينهن جي بوندن ان کي پاڻ ۾ سمائي ڌرتيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

ماحول تي ساڳي سانت هئي وڻ وهنجي رهيا هيا ۽ انهن جون ٽاريون پاڻيءَ جي وزن کان ڳوريون ٿي ويون هيون. هوا ۾ سمايل مٽيءَ جي خوشبوءِ هر ڪنهن کي مست ڪري رهي هئي. هر ساهه وارو خوش هيو، گاڏير سرديءَ ۾ ڏڪندي به وسڪاري جو واس وٺي رهيا هيا، سرديءَ کان ڪرنگهي ۾ اٽندڙ ڏررين مان لطف وٺي رهيا هيا، هو ڳائي رهيا هيا. هر شيءِ کان بي خود، انهن جي آوازن ۾ خوف جي ڪا به لرزش نه هئي، ان ۾ هڪ مستي سمايل هئي جنهن انهن جي آوازن جي گونج کي ڦهلائي ڇڏيو هيو. ائين ٿي لڳو ڄڻ اهي چپ آهن ۽ انهن جي اندر ۾ ڪو آهي جيڪو وادين جي آلاڻ ۾ پاڻ به گهلڻ ٿو چاهي. ٻوڙندڙ ڏاندن جي ڇڪ کان گپ ۾ پيهجي اڳتي وڌندو ڏاند گاڏين جي ڦٽين مان چرڙاٽ ٿي نڪتا، جيڪي مينهن جي گوڙ گمسان ۽ ڏڏڪن ۾ دبيل هوندي به منفرد هئا.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪيائين،
مندائتي مينهن جي، رت نه روڪيائين،
پلر پلٽائين، گهٽا سانگين سک ٿيا.

۽ هو ڳائيندا ويا. هڪ ٻئي پٺيان ڪرندڙ بوندن جي لڙاٽ پويان ڏور ٿيندا ويا. ڏور ...... تمام ڏور.....

ديپڪ

اوڻٽيهہ سال ٿيا آهن، وينو ڳايان ٿو. هي ديو جيڏو تنبورو ڪڇ ۾ ڪري تڙنگ جي تان تي واڇون ڇهيون ڪري وينو سر سان سر ملايان ٿو. سر مٿان سر، تان مٿان تان، تنبوري جي تارن تي هلي هلي آڱريون ئي گسي ويون آهن، ڳائيندي ڳائيندي نڙي ئي ويهجي وئي آهي. پر مڙاڻ نہ ٿو. ٻيلي هڪ نہ هڪ ڏينهن انهن آسمان جيڏين جاين کي ضرور باهہ لڳندي. منهنجو ديپڪ سر ضرور رنگ لائيندو. منهنجي راڳ سان ڪو انقلاب ضرور برپا ٿيندو. سامراجين جون ڌرتيءَ جي سيني تي هي ڦرڙين جهڙيون اپاريل عمارتون ضرور سڙي بسم ٿينديون.

اوڻٽيهہ سال گذري چڪا آهن، راڳ رنگ نہ لاتو. جوش ۾ شدت اچي وئي، واڇون وڏيڪ ڇهيون ٿي ويون، آواز ۾ وڌيڪ گجگوڙ اچي ويو. سڀ عمارتون وجن ٿيون وقت سان گڏ وڌنديون. من چئي ٿو "ير! هڪ نہ هڪ ڏينهن انهن کي باهہ ضرور لڳندي، ديپڪ راڳ ڪوڙو نہ ٿو ٿي سگهي، استاد تانسين جو قسم آ. ديپڪ ضرور رنگ لائيندو".

ڏسان ٿو منهنجي سامهون ٻن ٽن آسمان جيڏين بلند عمارتن جي درين مان دونهون فضا ۾ پکڙجي رهيو آهي. جلندڙ شين جي ڌپ، دونهي سان گڏ نڪ ۾ داخل ٿئي ٿي. تان ۾ هڪ نئون رنگ پرجي ٿو وڃي. اکيون ٻوٽي، هڪ هٿ سان تنبورو وڄائيندي، ٻيو هٿ فضا ۾ ڏگهيڙيندي زور سان راڳ آلاپيان ٿو. باهہ وڌندي ٿي وڃي. دونهين جي جاءِ هيڊا ڳاڙها باه جا الا ٽا اچي والارين. ماڻهن جي هوءِ هوءِ تيز ٿي ٿيندي وڃي. وارو وارو جا آواز ٽا اچن، هو مون کي پڪ ڳوليندا هوندا، هنن کي خبر آهي تہ مان اوڻٽيهہ سالن کان انهن جي عمارتن اڳيان ديپڪ راڳ ڳائي رهيو آهيان. خوف ۽ خوشيءَ جا تاثر گڏجي منهنجي آواز ۾ نئون جوش ٽا آڻي وجهن.تنبوري جي تان "ها...... آ" جي آواز سان ڇهيون سئيون ٿيندڙ واڇون، هوا ۾ سر جي تان تي لهرائيندڙ هٿ. اڄ اهي سامراجي ضرور بسم ٿيندا. ديپڪ ڪوڙو نہ آهي. استاد تانيس جو قسم اڄ واهہ جو لڳو اٿن.

باهہ وڌندي ٿي وڃي، ماڻهن جي هل آسمان مٿي تي کڻي ڏنو آهي، شهر جي گهگهن هڪ ئي مهل وڄڻ شروع ڪري ڏنو آهي.

اکيون کولي ڏسان ٿو، منهنجي سامهون ڪيتريون ئي عمارتون باهہ جي الن جي لپيٽ ۾ آهن. راڳ ڳائڻ بند ٿو ڪريان ۽ سامراجين جي سڙڻ جو مزو ڏسڻ لاءِ لٽا ڇنڊي،

اتي تنبوري کي هٿ ۾ لڙڪائيندو اڳتي ٿو وڌان، پرندڙ جاين جي ويجهو ٿو ايندو وڃان، پريان ڏسان ٿو، کيترائي همراهه هٿن ۾ باهه جا الا کڻي نعرا هڻن ٿا. هنن جي آوازن ۾ باهه کان وڌيڪ رعب ۽ دهشت ڀريل آهي. هو عمارتن کي باهيون ڏيندا، اڳتي وڌن ٿا. هو مزدور آهن. پنهنجو حق گهرن ٿا. مون کي پنهنجي بکواس کان نفرت محسوس ٿيڻ لڳي ٿي، پنهنجي خوشفهميءَ تي ڏک ۽ خار اچي ٿي. مون جيکي اوڻٽيهن سالن ۾ نہ ڪيو. اهو هي جوان منٽن ۾ ڪري ويا. تنبوري کي ڏسي، پوءِ خار مان مٿي بلند ڪري، باهه جي الن اندر اڇلي ڇڏيان ٿو. تڙڪاٽ ڪري پرندڙ ڪاٺين مان هڪ وڏي ڪاٺي کڻي انقلابين جي پٺيان هلندو وڃان ٿو.

هيرڻ جو پن

فصل ۾ لابارا پيا، ڪمي ڪاسبيءَ جي گهر ۾ گنديون پريون، پيٽ پريا. همراهه اوڳرائي ڏيئي ڪر پيچي اٿيا، ڪي ڪيسا ٽمي، ميندي مکي، سرمو پائي، ململ جو چولو ۽ سٿڻ اوڍي، ڳانا ٻڌي، لئيءَ جو لڪڻ هٿ ۾ ڪٽي، شهر جي بس تي لت ڏيئي چڪلي جي نيت ڪري هليا ويا ته ڪن وري ڪهاڙي تي تيزاب هاري ڪٽ صاف ڪئي.

”وارا ڍارا آهن سائين مڙس مارڻ کو سولو ڪم ته نه آهي“ خانڻ هيرڻ جي وڻ کي پاٽي ڏيندي دل ئي دل ۾ چيو. اهو هيرڻ هن جي دشمنيءَ جو يادگار هو. ان جيڏو جهونو هيو رات ٿي ته خانڻ ٻه گهر مان ڪهاڙي کڻي نڪتو. گهپ انڌيرو، هٿ هٿ کي نه لهي. آسمان ۾ رڳا ٽم ٽم ڪندڙ تارا، سڀ پيا آهن سڪ ننڊ ۾. خاموشي جي مٿان گهون گهون جو آواز، تڏن جي ڪرڙ ڪرڙ، تلاءَ جي پرسان ڏيڏرن جي ٽان ٽان، باقي ڪاري اوندهه. ڪو هجي ٻه ته نظر نه اچي. خانڻ پير پير ۾ ڏيئي علڻ جي گهر جو رخ ڪيو. سيدن وارو محلو ٽپي، گهڙي آيو ڪنب جي پاسي ڏي. تلاءَ ۾ ڏيڏرن جا ٽپا، ڇبڪ ڇبڪ، ان ڪان اڳ جو خانڻ علڻ وارو لوڙهو ٽپي، خبر نه پئي ته چور چور ٿي ويئي. ياچ ياچ ۾ ڄڻ سڄي ڪائنات جاڳي پئي. خانڻ پنهنجو وارو نه وڃايو، ڪهاڙي واڪا ڪندي علڻ جي ٻانهن ۾ گهڙي ويئي. ”ها علڻ تنهنجي زال کي......“ هڪ ڪهاڙي، ٻئي ڪهاڙي، علڻ هوءِ هوءِ مچائي ڏني، ڳوٺ وارا پريان اوندهه ۾ ننديون نندييون چمنيون ٻاري هٿن ۾ ڏگهيون لٺيون کڻي ڏڪندا آيا. سيدن جو پاڙو اورانگهي اجان تلاءَ جي پرسان پڳا ئي مس ته هنن کي هڪڙو پاچولو لوڙها ٽپندي نظر آيو.

”ڪهڙو آنءِ ڙي؟“

هڪڙي همراهه پريان ئي رڙ ڪندي چيو.

خانڻ سيدن جي پاڙي ڏانهن رخ ڪرڻ کان سواءِ، اوڏن جي خيمن جو رخ ڪري، تلاءَ جي مٿين ٽاپ وٺي ڏڪندو تيزي سان اونده ۾ گم ٿي ويو.

پرڀات ٿي ته اجان ڪوسن جي ويڙهي مان هلڪن سڏڪن ۽ رڪي رڪي پارن جو آواز اٿي رهيو هو، تان جو خبر نه پئي ته صوبيدار رب نواز جي جيپ زوڪٽ ڪندي ميان شاهه واري بند تان ڏڏڙ اڏائيندي ڪوسن جي پاڙي کي اچي ويجهو ٿي. جيپ بيٺي ته صوبيدار رب نواز خان لانگ ورائي هيٺ لهي پيو، هن مڇ تي هٿ ڦيري آس پاس بيٺل ماڻهن کي

نهاريو ۽ پوءِ ڪاريءَ ڏنڊي کي ٻئي هٿ تي ٺوڪيندي ٽلهو پيٽ چلڪائيندي، ويڪري سوٽ سان لڦ لڦ ڪندي اڳتي سري آيو.

”اڙي ڪاٿي آ ماتو خانڻ“ هن ٽلهي آواز ۾ چيو.

”سائين اهو ته رات لاڪون گم آ“.

”اڙي رات لاڪون جا پٽ ماتو کهڙو اٿس گهر؟“

”سائين هي“. همراهن هٿن سان هڪڙي ننڍي گهر ڏي اشارو ڪندي چيو.

صوبيدار رب نواز ڪنهن پڇا ڳاڇا کان سواءِ خانڻ جي گهر ۾ گهڙي آيو. ٿوري دير به نه گذري ته صوبيدار جي ٽلهي هٿ ۾ خانڻ جو گريبان هو، ٻاهر گهٽيءَ ۾ وٺي آيس.

”اڙي ماتو، گندين ۾ ٿو لڪين، ڪنجر، ماءَ جا....“

”سائين رب جي واسطي قرآن کي مڃ.“

هڪ چماٽ، ٻئي چماٽ، ٺڙ ٺڙ ٿي وئي.

”ماتو معاف ڪريان.... پيڻ جا..... اڙي وٺوس... جي .... کي“

صوبيدار نڙيءَ تي زور ڏيئي سپاهين کي چيو.

سپاهين جا ٽلها ڏنڊا حرڪت ۾ اچي ويا، ڌڀ ڌڀ ٿي وئي.

مجموعو لڳي ويو. ڳوٺ وارا ڏکي ڏکي خانڻ جو انجام ڏسڻ لڳا.

”اڙي صوبيدار، ٻيلي نالو ٿي خدا جو“ اوچتو خانڻ جي نوجوان زال در جي ڪٽي مٽي ڪري نڪتي ۽ صوبيدار جي اڳيان هٿ ٻڌي روئڻ لڳي.

”اڙي ماتو پري ٿيءُ، ماءُ جي.....“

صوبيدار ٽلهو بوٽ نڪاءَ ڪرايو، خانڻ واري زال جي چيلهه ۾ ”هوءِ ڙي“ زال هنس وڃي پري ڪري. سپاهين کوسي کي ڪٽي ڪٽي اڌ مئو ڪري ڇڏيو، پٺيءَ جا ٻيرا ئي لاهي ڇڏيائونس. هڪ هڪ ڏنڊي سان رڙ ته پيو ڪري، اپ پيو ڏاري.

”اڙي منهنجي پيءُ به توبنهن ڪئي. اڙي قرآن کي مڃ“.

”گهلي هلوس ڙي ٽاٽي تي.“ صوبيدار پيٽ تي زور ڏيندي چيو.

سپاهين خانڻ کي گهلي جيپ ڏانهن سوريو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ تماشي ۾ بيٺل ماڻهو خوف وچان جيپ کي سر واهه جي بند تان مٽيءَ اڏائيندي زوڪاٽ پريندي ويندو ڏسي رهيا هئا.

ٻه ڏينهن گذريا ته خانڻ ڳوٺ ۾ هيو.

”اڙي چو؟“

”اڙي پيٽيان کو سچو لڳو اٿو ڇا؟ پورا ڏهه هزار ڏنا آهن آفيسرن کي، هاڻي علڻ جيڪو ڪيس ڪيو ته ڏٺو ويندو“.

علڻ وارن شهر ۾ ڪيس داخل ڪرايو، هيڏانهن خانڻ به پنهنجي وڪيل سان عدالت ۾ پهچي ويو.

”اڙي خانڻ، تو علڻ جي ٻانهن ڇو ڪٽي؟“

وڪيل سوال ڪيو.

”ڇو جو هن منهنجي ياڳ جي سسي ڪپي هئي“.

”اڙي علڻ تون خانڻ جي ياڳ جي سسي ڇو ڪپي؟“

خانڻ جي وڪيل سوال ڪيو.

”ڇو جو ان منهنجي وڏي ياڳ کي ڪٽو هيو“.

”اڙي خانڻ“ علڻ جي وڪيل چيو، ”تو واري ياڳ هن جي وڏي ياڳ کي ڇو قتل ڪيو؟“

”ڇو جو ان منهنجي بابي کي قتل ڪيو هيو“.

”اڙي علڻ، ياڻي هن جي پيءُ کي ڇو قتل ڪيو؟“

”ڇو جو سائين ان منهنجي بابي کي قتل ڪيو هيو“

”اڙي ڇو بابي کي قتل ڪيائين؟“

ان کان اڳ جو خانڻ ڪو جواب ڏئي. جج ميز تي هٿوڙي کي ٺڪ ٺڪ ڪرايو. ”بيڪار ڳالهين ۾ عدالت جو وقت نه وڃايو. ڪيس کي اڳتي وڌايو“.

ڪيس هلندو رهيو، ڇهه مهينا گذري ويا ته علڻ جو داد فرياد نه ٿيو. نه خانڻ کي سزا آئي، خانڻ جا فصل مان ڪمايل پئسا آهستي آهستي ختم ٿي ويا. هوڏانهن علڻ سان به اها حالت ٿي، وڪيلن ۽ آفيسرن کي ڪارائي ڪارائي پاڻ سنهو ٿي ويو.

فصل ۾ لابارا پيا، ڪمي ڪاسبيءَ جي گهر ۾ پئسو آيو. ڪي همراهه مڇن کي مکڻ مکي، ڏندن کي مساڳ هڻي لئي جو لڪڻ هٿ ۾ ڪٽي ململ جا ڍگها چولا ۽ سٽٿون پائي شهر جي بس ۾ چڙهي چڪلي جو رخ ڪري هليا ويا ته ڪن وري ڪهاڙين تي تيزاب هاري ڪٽ لاتي.

شام جا پاڇولا لٽا ته علڻ به مڇ کي وڪڙ ڏنو. ”جي خانڻ جا چارئي عضوا نه پڳم ته علڻ نالو ئي نه آهي“. همراهه لانگ ورائي لهي پيو لوڙهن جي ٻئي پر. روندي ٻانهن لڪل هئس چولي ۾، هٿ ۾ ڪهاڙي، پير پير ۾ ڏئي سيدن جي محلي جو رخ ڪيائين. رات جو سناٽو، خاموشي، جهالت جهڙو ڪارو انڌيرو، ڏيڏرن جي ٽان ٽان، تڏن جي تڪ تڪ، ڪڌهن

ڪڏهن ڪاريهر جي سيند.

علڻ سيدن جي محلي مان لنگهي اچي ڪوسن جي ويڙهي ڪي ويجهو ٿيو، خانڻ ته ڪو زال سان گهر ۾ ويٺو هو، پٽ کي دشمنيءَ جا قصا پيو ٻڌائي. خبر نه پئي ته علڻ پريان ئي هڪل ڪئي، ”نه ويندين ڙي خانڻ تنهنجي جوءِ کي....“ اوچتو علڻ لوڙهو ٽپي ڪهاڙي اڀي ڪري پريان ئي الر ڪئي. هوءِ هوءِ ٿي ويئي. ان کان اڳ جو ويڙهي جا مڙس اچن، ڪهاڙي جي ڌڪ ڌڪ ٿي ويئي. علڻ جي ڪهاڙي ڪيترا دفعا زوڪٽ ڪندي خانڻ جي جسم ۾ چيي وئي. ويڙهي ۾ اچي هل ٿيو، سڄو ڳوٺ جاڳي پيو. علڻ جوانن جي پهچڻ کان اڳ ئي لوڙهي ٽپي ميان شاهه واري بند کان ٿيندو ڪورين جي محلي ۾ گم ٿي ويو. ٿوري دير نه گذري ته ڳوٺ جا ننڍا وڏا خانڻ جي چچريل جسم مٿان هيا. جوٽس ۽ پٽهس مٿان بيهي روئي رهيا هيا. اوچتو خانڻ جي رنگ رنگيل منهن ۾ جنبش ٿي، اکيون کليون،

”اڙي جاڙا“ هن پٽ کي سڏيندي چيو.

”ٻيلي مڙس ٿجان، غيرتي آهين، ته خاندان جي غيرت کي نه لڄائجانءِ“

خانڻ آهستي آهستي ٿورو مٿي ٿيو ۽ هن پٽ کي چيو

”اڙي اسان جي دشمني هن هيرڻ جيڏي پراڻي ٿي، ان کي پاڻي ڏجانءِ“.

خانڻ جي اڳيان هن جي خانداني دشمني جو وڻ هيو. چنبي جهڙا پن، پنج آڱريون، ڪليل، سڌيون منهن ۾ لعنت ٿي..... لعنت ٿي.... لعنت ٿي.....

تڪليف کان ڪوسي جا ڏند ڀڪوڙجي پيا. ڏڙام ڪري ٻيهر ڍيري هيٺ ڪري پيس.

اسماعيل حڪيم آيو، پر ڏسڻ کان سواءِ ئي هليو ويو. ڇو جو خانڻ جو روح ڏاڏن جي روح سان وڃي مليو هيو.

آخري خواهش

هن ڏانهن وڌندڙ قدمن جا آواز گهرا ٿي چڪا هئا. هو اڪيون قاڙي ۽ چپن کي گول ڪري انهن آوازن کي ڪنائيندو رهيو. ٿوري دير کان پوءِ روشنيءَ جا ڪجهه زرد ڪرڻا هن جي انڌيري ڪوٺڙيءَ ۾ پيا، ۽ پوءِ ديوارن تي لوهي سيخن جو عڪس ٺاهيندا وڌندڙ انسانن جي قدمن سان پنتي ٿيندا سڄي ڪوٺيءَ ۾ ڦهلجي ويا. چمنيءَ جي لاٽ هن جي اکين کان ڪجهه قدم پري لوهي سيخن جي پويان هئي. هو روشنيءَ جو تاب سهي نه سگهيو ۽ هن جون اکيون ڇچيون ٿي ويون، نرڙ ۾ گهنج پئجي ويا، ۽ هن ٻئي هٿ اکين تي ڏئي ڇڏيا.
”تنهنجي ڪا آخري خواهش؟“ اوچتو هن جي ڪوٺڙيءَ ۾ اداس پڙاڏو پيدا ٿيو. هن پنهنجي تڪليف تي ضبط ڪري، اکين تان هٿ هٽائي، ٻاهر بيٺل انسانن کي نهاريو. اهي تعداد ۾ ٽي ڪن هيا، جن مان هڪ کي ٿلهي جسم تي ڪارو جبو ۽ مٿي تي اڇو ڪپڙو اوڍيل هو. پوءِ هن ٻين شخصن کي ڏٺو جن مان هڪ زرد شعلي واري چمني جهلي بت جيان خاموش بيٺو هيو ۽ ٻيو ان جي پويان ٻانهون ٻڌي ڪن خيالن ۾ گم هيو.
”قيدي تنهنجي ڪا آخري خواهش؟“ هڪ دفعو وري آواز آيو ۽ خاموشي ڦهلجي وئي. قيديءَ هنن جي آواز کي محسوس ڪري ڪنڌ کي ناڪار ۾ جهنجهوڙيو، جنهن جي ڪري هن جي ڪڙين مان ”جهڻ جهڻ “ جو آواز اڀريو. ٿوري دير کان پوءِ روشنيءَ جا ڪرڻا پٽين تي سيخن جا ڊگها پاڇا ٺاهيندا ٻئي پاسي ڏانهن گم ٿي ويا. هو هڪ دفعو وري انڌيرن ۾ پنهنجي وجود کي ڳولڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن سوچيو، ”خواهشون به ڇا آهن؟“ ”غلاميءَ جو مفهوم آهن.“ ڇا واقعي هر خواهش غلامي آهي؟ ”انسان جي هر خواهش زندگيءَ کي آسان بڻائڻ جو ذريعو آهي، زندگي ٻوجهه آهي، انسان جي هر جدوجهد حياتيءَ جي گهٽيءَ کي آسان ڪرڻ جو نسخو آهي.“ هن جي دل ۾ ڇڻ دهڪو مچي ويو. هن ڦٽڪي وڏا تارا ڦوٽاري انڌيرن ۾ نهارڻ چاهيو، پر هر طرف ٻي وسي. خاموشيءَ ۾ وڄندڙ سائون سائون ۽ عجيب نراشا! هن کان ته اهو به وسري چڪو هيو ته هو قيد ۾ گهڻا پيرا آيو ۽ گهڻا پيرا آزاد ٿيو. هن جي لاءِ پنهنجي آزاديءَ جي ته ڳالهه ئي ڪو نه هئي. هر شيءِ قيد خانو آهي، پوءِ چاهي اهي قيد جون ديوارون هجن يا ٻاهران جو ماحول. هن جي اڳيان ان وقت آزادي جيئري لاش جيان هئي. هن تي انسانن جو وجود ائين محسوس ٿيو، جيئن ان کي زوريءَ غلاميءَ جو ڪفن پارائي سرشتيءَ جي قبر ۾ محض اهو ٻڌائي سمهاريو ويو هجي، ته ننڊ ڪريو ته

خواب ڏسي مري وجو. شروع شروع ۾ هن جو قيد ۾ اچڻ، ٻه عجيب اتفاق هيو، هن جي آس پاس جي هر شيءِ غلام هئي، هن کي جڏهن ٻه آزاد ڪيو ويو، ته قيد ڪان ٻاهر هن پنهنجن مقصدن سان ياري نڀائي. هن هر انسان کي دوکي جي ديوار سان آشنا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن جو هن سان تعلق هيو ۽ هو پنهنجي ڪيترن سالن جي محنت جي ڦل سان پوريو پيو هيو. هن جو سرمايو انڌيرا، جن کي هو پنهنجن هٿن ۾ قابو پيو ڪرڻ چاهي، پر آزاديءَ جهڙا انڌيرا جيڪي هن جي هٿن ۾ نه پيا ڦاسن. غلاميءَ جهڙا انڌيرا جيڪي هن جي چوڌاري ڦهليل هئا، جن کي هو اکيون کولي ٻه ڏسي پيو سگهي ته اکيون بند ڪري ٻه. ”غلامي چا هي ؟“ هن پاڻ ڪان سوال ڪيو غلامي .... غلامي......... غلامي .... دماغ تي پوندڙ ڪنهن ٻوجهه ڪان هو هيٺ ڊرڪندو ويو. اوندهه ۾ چڻ گوڙ مچي ويو. هن اکيون ڦوٽاري دماغ جي رڳن کي سيٽائي پاڻ سنڀاليو ۽ هو چڻ پاڻ ۾ موٽي آيو. پڙاڏا، غلامي .... غلاميءَ مان ڦري اوندهه ۾ سائون سائون ڪري وچڻ لڳا، ائين، جيئن هزارين ميل ڏور ويرانين ۾ مندر جا گهنڊ زنجير جي ڇڪ سان ڊڙانگ..... ڊڙانگ..... ڪري ڌرتيءَ تي غلاميءَ جو اعلان ڪندا هجن، چا اهي گهنڊ آزادي قبول ڪري سگهن ٿا؟ زنجيرن کي چني چا خود شڪتي پيدا ڪري سگهن ٿا. ۽ هو منجهي پيو. هن وٽ ڪو ٻه جواب ڪو نه هيو. هو انڌيرن کي جاچڻ لڳو. انڌيرا..... انڌيرن سان هو ڪيڏو نه مانوس ٿي ويو هو. انسان ۾ حالتن کي جهٽڻ جي بهترين صلاحيت موجود آهي. هو هر شيءِ کي جلد قبول ڪندڙ آهي. غلامي، انڌيرا، نراسائي محض هر ڪا شيءِ هن کي ياد آيو، جڏهن هو ڦهريون دفعو انڌيرن ۾ آيو هيو ته هن پاڻ کي ڪارڻ نانگن ۾ ويڙهيل محسوس ڪيو هو، ۽ پوءِ آهستي آهستي جوڳي ٿي ويو. ۽ هاڻي، جڏهن هو روشنين ۾ نڪرندو آهي ته سج جا ڪرڻا هن کي وجود ۾ چيندڙ محسوس ٿيندا آهن. هن سوچيو، ”سرشٽي جي هر غلامي انسان تي زوريءَ مڙهي وئي آهي ۽ انسان صدين ڪان انهن غلامين ۾ رهندي رهندي نرڄو ٿي ويو آهي.“ قيديءَ پنهنجون اکيون ڪٽي قيد جي دريءَ ڪان ٻاهر نهاريو، رات جا ستارا، اوندهه جو سينو چيريندر لاٽون، روشنيءَ جو مجموعو، آزاديءَ جو امر نشان. پر وقت جي زنجيرن ۾ قيد. ۽ هو ٻاهرين دنيا ۾ ڪوئجي ويو. هو آزاد هيو ۽ هن جي وطن کي ٻه آزادي ملي چڪي آهي. هڪ ٻيو حڪمران تخت تي ويٺو. ماڻهن ۾ سڪون جي لهر، هنن پنهنجي دل جو وزن هلڪو ڪيو. ڦهاڙ جيڏين دل تي پيل چپن سان ڊڪٽيٽر کي سنگسار ڪيو پر ساڳيو دور- ٻن ڦيٿن واري گاڏيءَ تي رکيل ڪيترائي ٽن وزنن جا چنگهون ڪري ڇڪيندڙ هڏن جو پڃرو. ”هو غلام آهي، آخر ڪنهن جو؟“ ”زندگيءَ جو!“ ”پوءِ آزادي؟“ ”بڪواس“ ”زندگيءَ جو تعلق ته هن سان ئي آهي،

هو بذات خود پاڻ زندگي آهي.“ ”۽ زندگي؟“ ”چند ڪٽڻ جي محتاج!“ ”تہ هو غلام آهي...... پيٽ جو!“ قيديءَ نظرون ڪٽي شهر جي اچ وڃ کي نهاريو. هڪ جدوجهد نڙيءَ ۾ قاتل هڪ مسلسل چنگهہ جنهن جي ختم ٿيڻ سان روح بہ پرواز ڪري وڃي. انسان دنيا ۾ سڀ ڪجهہ جيئڻ لاءِ ڪري ٿو. هن جي جدوجهد حرارت لاءِ آهي، جيڪا هن کي جيئرو رکي سگهي. مسلسل جدوجهد، پر هو پائي ڇا ٿو؟ موت؟ ... تہ پوءِ ان جدوجهد جو ڇا مطلب؟ زندگي کي آسان بنائڻ لاءِ، ٿڪن جو سهارو، روئڻ جو سهارو، جنس جو سهارو، نفس کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هر قدم تي سهارو ئي سهارو. ڪيترو نہ معذور آهي انسان. تہ پوءِ آزادي؟ غلامي، خلا جيان دنيا کي ويڙهيل ٿلهو زنجير آهي. جنهن جي ڪڙين ۾ قاتل انسان ڪنديءَ ۾ قاتل مڇيءَ جيان آهي، يا تہ عذاب ۾ ڦٿڪندي زندگي بسر ڪري يا تہ آزاديءَ لاءِ ڪنديءَ ۾ ڦٿڪندي ڦٿڪندي جان ڏئي. پر هن جو ڇٽڻ مشڪل آهي. هن کي آزاديءَ جو مفهوم سمجهہ ۾ ايندو ويو. هن کي پنهنجون رڳون سيٽيل ۽ تپيل سنهيون لوهي تارون محسوس ٿيون، جيڪي هن کي اندر ۾ چيڀڻ لڳيون. هن کي پنهنجو جسم سيٽجي پرندو محسوس ٿيو. ان عذاب کان هڪ دفعو هو وري پاڻ ۾ موٽي آيو. ستارا هن آڏو الوپ ٿي چڪا هيا ۽ هو وري انڌيرن ۾ هيو، هن صرف اهو محسوس ڪرڻ لاءِ تہ، واقعي هو قيد ۾ آهي، پنهنجين ڪڙين کي هٿ هٽي محسوس ڪيو. ٿڌيون، پاروتي لاش جي جسم جهڙيون. هن کي هر ڪڙي ائين محسوس ٿي، جيئن غلامين جو ڪو سلسلو هجي. ڌرتيءَ کان وٺي ستارن تائين جيئن بذات خود هو آزاديءَ جو غلام آهي. هر آزاديءَ غلاميءَ جي ذرڙن مان ٺهي وجود ورتو آهي. آزادي، دل کي وندرائڻ ۽ زندگي گذرڻ جو خيالي آٽت آهي. ديواني جو خمار آهي. جواڻ غلاميءَ جي موهيڙي مان وهندڙ پونءِ آهي. آزادي بڪواس آهي. انساني تخليق هن جي وجود سان واحيات مذاق آهي. ”پر ڪائنات ۾ ان جا مقصد؟“ ”ڪنهن چرئي جي، ڪاغذ تي پاتل قڏين سڏين ليڪن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهن. جن جو مفهوم بذات خود هن کي معلوم نہ آهي.“ ”تہ پوءِ حقيقي آزادي ڇا هي؟“ قيديءَ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو. ”حقيقي آزادي.......“ هن ڇپن ۾ ورجايو ۽ پوءِ هو چرين جيان زور سان ڏڪندي رڙيون ڪندو جيئن ئي قيد جي دروازي ڏانهن ڊوڙيو تہ زنجيرن جي ڇڪ کان هن کي جهٽڪو آيو ۽ هو پٽيءَ پر ڌڙام ڪري ڪري پيو. ”منهنجي هڪ آخري خواهش آهي........... منهنجي هڪ آخري خواهش آهي..........“ هو رڙيون ڪري شور مچائڻ لڳو، ڪجهہ سپاهي ڌم ڌم ڪندا پنهنجن ڳورن بوٽن سان هن ڏانهن ڊوڙندا آيا، ”ڇاهي، ڇو پيو گوڙ ڪرين؟“ انهن مان هڪڙي سوال ڪيو. پوڙهو ڪجهہ دير خاموش ٿيو ۽ هن جي اٿڻ ڪري ڪڙين ۾ ڇڻ ڇڻ جا آواز

پيدا ٿيا. ”منهنجي هڪ آخري خواهش آهي......“ ”ڪهڙي؟“ ”مون کي آزادي ڏني وڃي.“ هن سخت لهجي ۾ چيو، جنهن ۾بيوسي به هئي ته درد به. سپاهين جا منهن حيرت ۾ عجب کان لهي ويا. ”شايد جيل ۾ مسلسل رهڻ ڪري تنهنجو دماغ صحيح ڪم نه ٿو ڪري؟“ ''نه..........“ قيديءَ زور سان رڙ ڪندي چيو، ”دنيا ۾ حقيقي آزادي جسم کان روح جي آزادي آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سان هميشه جدوجهد ڪندس. مون کي موت ڏيو........ آزادي ڏيو...... آزادي ڏيو....“ ۽ پوءِ هو زور سان ڏانديون ڪري پنهنجي غلاميءَ تي احتجاج ڪرڻ لڳو.